
چا سنڌين لاءِ ملڪي
سياست حرام آهي؟
رسول بخش پليجو

ڇا سنڌين لاءِ ملڪي سياست حرام آهي؟

رسول بخش پليجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيمت ٥-٠٠ (پنج) روپيا

ٻيڪ

رسول بخش پليجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش اکٿر

سنڌ جي ناميارين انقلابي اڳواڻ ۽ دانشور محترم رسول بخش پليجي جي اڪابر ذهن ۽ تيز قلم جي تخليق اوهان جي هٿن ۾ آهي. سنڌ ۽ سنڌي عوام جي نجات جي سوال تي سنڌ ۾ گذريل ڪجهه ورهين کان ٻه مختلف ۽ متضاد نقطه نظر پيش ٿي رهيا آهن. هڪ سوچ جي ڌارا اها آهي ته سنڌي ماڻهن جي نجات ان ۾ آهي ته آهي فقط سنڌ ۾ ۽ خالص سنڌي سياست ڪن. هن سوچ رکندڙ ماڻهن جو خيال آهي ته ملڪي سطح تي سياست ڪندڙ ماڻهو ۽ تنظيمون سنڌ دشمن آهن. ٻي سوچ جي ڌارا جي حامي ماڻهن جو خيال آهي ته سياست هڪ ڳنڍيل، وسيع ۽ پيچيدو عمل آهي. ۽ سنڌي ماڻهن جي راهه نجات ان ۾ آهي ته اهي رڳو سنڌ ۾ پر آهي پنهنجي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ ۽ سڄي دنيا ۾ سياست ڪن. سندن خيال آهي ته خالص سنڌي سياست جو نعرو سنڌي عوام کي اڪيلو ڪري مارائڻ جي سنڌ دشمن چال آهي.

اهي ٻئي ابتڙ ۽ متضاد نظريا ۽ خيال سنڌ جي اڄوڪي سياست جا اهم سوال آهن. ڏٺو ويو آهي ته ڪيترا ئي سنڌي ماڻهو اڃا انهن سوالن بابت مونجهاري جو شڪار آهن. هن وقتائتي ڪتاب ۾ محترم رسول بخش

پنهنجي 'خاص سنڌي سياست' ۽ 'ملڪي سياست' بابت آيرلنڊز سوالن جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. محترم پنهنجي جو لکيل هي ڪتاب سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ڇوٽڪاري جي راهه کي وڌيڪ چٽو ۽ روشن ڪندو.

اسان جي هن پبلشنگ ايجنسي جي وڌ کان وڌ اها ڪوشش رهي آهي ته ڄاڻ ۽ شعور وڌائيندڙ ڪتاب سستي ملهه تي مهيا ڪري ڏيون. سنڌي ڪتابن جي ڇپائي ۽ مارڪيٽ جي مسئلن کان تقريباً سمورا پڙهندڙ واقف آهن. خاص ڪري ڪاغذ جا اگهه ته جيئن پوءِ تيئن آسمان سان ڳالهيون ڪندا وڃن. انهن سمورين ڳالهين جي باوجود اسين اها دعوا ڪرڻ ۾ پاڻ کي حق بجانب سمجهون ٿا ته اسان جا ڇپايل ڪتاب مارڪيٽ ۾ عام رواجي قيمتن کان وڌيڪ سستا هوندا آهن.

اسين پنهنجي پڙهندڙن کي ان ڏس ۾ اڃا وڌيڪ سهوليتون فراهم ڪرڻ جا خواهشمند آهيون جيڪي سهولتون هن ريت آهن:

(۱) اداري طرفان ڇپايل ڪتابن مان ڪنهن به هڪ ڪتاب جون گهٽ ۾ گهٽ پنج ڪاپيون گهرائڻ تي 33٪ ۽ مختلف ڪتابن جون ڪل پنج ڪاپيون گهرائڻ تي 33% ڪميشن ڏني ويندي. ڪتاب گهرائيندڙ ادارو يا فرد انهن ڪتابن جي قيمت مان 33% رقم ڪٽي باقي رقم ۽ ڪتابن جو تفصيل اداري کي ڏياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪلين ته ڪ. پوسٽ ذريعي ڪتاب موڪليا ويندا
پوسٽ جو خرچ اداري جي ذمي هوندو.

(٢) جيڪي بڪ اسٽال اداري جا ڪتاب گهرائڻ چاهين ٿا سي پنهنجا آرڊر اداري کي ڏياري موڪلين.

(٣) ايجنسيءَ جي حيدرآباد گاڏي کاتي واري اسٽال تان هر ڪتاب تي 10% ڪميشن ڏني ويندي ۽ انهيءَ بڪ اسٽال تي ٻن ڪتابن "ارتقا جي ڪهاڻي" ۽ "انگولا جي آزادي" تي خصوصي رعايت ڏني پئي وڃي. سندن قيمتون ترتيبوار -/27 روپين بدران -/15 روپيا ۽ -/15 روپين بدران -/10 روپيا ورتي پئي وڃي.

ائڊريس: معرفت سردار پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد

پاران: مئنيجر سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي وفاداريءَ جو نيڪو

.. ڪافي عرصي کان سنڌ جي سوچ رکندڙ حلقن ۾ اڪثر انهيءَ سوال تي بحث ٿي رهيو آهي ته سنڌي وطن دوست ماڻهو ملڪي سياست ۾ حصو وٺن يا نه؟ ان سوال کي هڪڙا ماڻهو هيئن پيش ڪندا آهن ته "اسين فقط سنڌ جي سياست ڪندڙ ماڻهو آهيون. سنڌ جا وفادار فقط اسين ئي آهيون. ڦلاڻا سڄي ملڪ جي سياست ٿا ڪن. اهي پاڪستاني آهن ۽ سنڌ جا غدار آهن." پيا انهيءَ ڳالهه سان اتفاق نه ٿا ڪن ۽ چون ٿا ته "جنهن نموني ڳالهه ڪئي وڃي ٿي تنهن نموني جي خالص سنڌي سياست يا خالص پاڪستاني سياست ناالي دنيا ۾ ڪا شيءِ ٿيندي ئي ڪانهي ۽ ٿي سگهي ئي نٿي." سندن چوڻ آهي ته "'خالص سنڌي سياست' واري نعري جا بانيڪار ان نعري جي آڙ ۾ خاص سنڌ دشمن سياست پيا ڪن ۽ پنهنجي ان قوم دشمن ۽ وطن دشمن سياست جي اصلي موقعي پرست روپ کي لڪائڻ ۽ سنڌي ماڻهن کي برغلائي ڪين پنهنجي ان سياست جو غلام بنائڻ لاءِ ئي اها لفاظي ۽ نعري بازي پيا ڪن." ان ڳالهه تان ڪافي تڪرار هلندڙ آهي. عام سياسي سوچ رکندڙ سنڌي ماڻهن سان گڏ ڪافي اڳتي وڌيل سياسي سوچ رکندڙ ۽ سنڌي ماڻهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڪاري لاءِ واڇهائيندڙ ماڻهو به وڏي مونجهاري ۾ پئجي ويا آهن، ته انهن پنهي ڳالهين مان سنڌ ۽ سنڌي عوام جي فائدي واري ڳالهه الائي ڪهڙي آهي؟ صاف نظر پيو اچي ته ان معاملي کي نبيرڻ بنا سنڌي عوام جي وڏي گهٽائي صحيح واٽ وٺي اڳتي وڌي نه سگهندي.

تنهنڪري اچ اسين ان معاملي کي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۽ ٿي سگهي ته ان کي صحيح نموني نبيرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

"سنڌ جي سياست" ۽ "پاڪستان جي سياست"

سڀ کان پهريائين ضروري آهي ته انهن ٻن ابتڙ فقرن جي معنيٰ سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي. يعني "سنڌ جي سياست" ۽ "پاڪستان جي سياست" اسان سڀني کي خبر آهي ته لفظن ۽ جملن جي رڳو عام، ظاهري ۽ اکري معنيٰ ڪانه ٿيندي آهي، انهن جون اصطلاحي، استعمالي ۽ ٻيون معنائون به ٿينديون آهن، تنهن ڪانسواءِ لفظن ۽ جملن کي سڀ ماڻهو ساڳي معنيٰ ۾ ورلي ڪتب آڻيندا آهن. ساڳي ڳالهه يا ڪم کي هڪڙا ماڻهو ساراهه جي لفظن ۾ بيان ڪندا ته ٻيا وري ان جي ٻنهه ابتڙ ان کي گلا جي لفظن ۾ بيان ڪندا آهن. اهڙي ريت لفظن ۽ فقرن کي اڪثر هر ڪو پنهنجي پنهنجي مطلب واري نموني ڪتب آڻيندو آهي. چو ته انهن ۾ اڪثر ذاتي ۽ طبقاتي پسند ناپسند ۽

نفعي نقصان جو سوال انکيل هوندو آهي. مثال طور
ڪو عام واپاري پنهنجي پٽ کي سٺو واپاري شايد
تڏهن چوندو جڏهن هو گراهڪن جي چڱيءَ طرح کل
لاهي وٺڻ ۾ پڙ ني ويو هوندو. پر اهڙي کل لاهيندڙ
کي اڪثر گراهڪ ”سٺي“ واپاريءَ بدران تمام خراب،
ڦورو يا ٺڳ واپاري سڏيندا. ساڳيءَ طرح ڪنهن
پوليس آفيسر کي سندس يار دوست وغيره همٿ وارو،
مڙس ماڻهو ۽ اٿموت آفيسر چوندا، پر جن ماڻهن کي
سندس انهيءَ ”همٿ“ ۽ ”مڙسيءَ“ جا هٿ لڳا هوندا
سي کيس ظالم ۽ کائو پٽ وغيره سڏيندا. جي هڪڙا
ماڻهو ڪنهن آفيسر کي ”ڏڏو“ ۽ ”رحمدل“ سڏيندا ته
پيا وري کيس ”ڍاڙيو“ ۽ ”نڪمو“ سڏيندا. اهڙيءَ
ريت ”سٺو واپاري“، ”سٺو ماڻهو“ جهڙي لفظن وانگر
”اسلامي نظام“، ”آزاد دنيا“، ”محب وطن سياست“،
”اسلامي سياست“، ”پاڪستاني سياست“ ۽ ”سنڌي سياست“
جهڙي قسم جي لفظن جي ڪا هڪڙي مقرر معني
ڪانه ٿيندي آهي. هرڪو اهڙن فقرن کي پنهنجي
مطلب جي معنيٰ ۾ ڪم آڻيندو آهي ۽ منجهانئن پنهنجي
مطلب جي معنيٰ وٺندو آهي.

”سنڌ جي سياست“ جي ظاهري سياسي معنيٰ آهي،
”آها سياست جيڪا سنڌي ماڻهن جي فائدي جي سياست
هجي“، پر ڪا سياست رڳو ڪنهن جي چئي چوڻ سان
واقعي سنڌ جي سياست يعني سنڌي ماڻهن جي فائدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سياست ڪانہ ٿي پوندي. حقيقت ۾ ان جو دارومدار پڻ ڳالهين تي آهي. پهريون تہ ان ماڻهوءَ کي پوري پوري خبر هجي تہ حقيقت ۾ سنڌي ماڻهن جي فائدي جي سياست ڪهڙي آهي. ٻيو تہ اهو ماڻهو جيڪي صحيح سمجهي اها ئي ڳالهہ ڪري ۽ ڄاڻي ٻجهي يا لاشعوري طرح غلط ڳالهہ نہ ڪري. مثال طور اڄ ڪلهہ نہ ٿئي جو هو پنهنجي مطلب لاءِ ڪنهن اهڙي سياست کي سچي سنڌ جي فائدي جي سياست سڏي جيڪا حقيقت ۾ سنڌ جي فقط ڪنهن خاص ماڻهوءَ، ٽولي يا طبقي جي فائدي جي سياست هجي ۽ سنڌ جي گهڻن ماڻهن کي ان مان فائدي بدران الٽو نقصان پهچندو هجي.

ذهن مرض تي پوندڙ اثرات ذريعي ٿيندڙ

انهيءَ سلسلي ۾ اچون تہ ڪجهہ حقيقتن کي ذهن ۾ آڻيون. هڪڙو مثال ٿا وٺون. ڊاڪٽريءَ جو علم قديم ڪان قديم علم آهي. علمن جي وڌڻ ويجهڻ جو گهڻو دارومدار حاڪم طبقن جي نفعي نقصان تي هوندو آهي. ڪيترا ئي اهڙا علم آهن جيڪي حاڪم طبقن جي نقصان جا آهن. جهڙوڪ سماج ۾ انقلاب آڻڻ جو علم. انڪري حاڪم طبقا اهڙن علمن جي وڌڻ ويجهڻ ۾ مدد ڏيڻ بدران انهن کي ڪچيءَ ۾ سرجندي ڏي چيپائي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڊاڪٽريءَ جي علم جي بهترين حاصلاتن مان سڀ ڪان گهڻو فائدو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عوام بدران حاڪم طبقن ئي ورتو آهي. ان ڪري دنيا جي حاڪم طبقن ان علم جي تمام گهڻي سرپرستي ۽ همت افزائي ڪئي آهي. هن علم ۾ روز نت نيون هڪبئي کان وڌيڪ حيرت انگيز ايجادون ٿي رهيون آهن ۽ اڄ اهو ڪاميابيءَ ۽ عروج جي آسماني بلندين کي ڇهي رهيو آهي. پر ان هوندي به اڃا تائين هزارين اهڙا نيم حڪيم، تعويذ فروش ملان، پوپا، جن ڪيڏندڙ جهاز- پڙهندڙ، سانڊي جو تيل ۽ ٻيهن مرضن تي پوندڙ ابرت ڏارائون وڪڻندڙ ماڻهو موجود آهن، جيڪي وڏي آڪڙ ۽ اڏمبر سان، وڏي بي حيائيءَ سان چون ٿا ته ڊاڪٽري علم جيڪي ڪجهه سيکاري ٿو سو سڀ بڪواس آهي. فلاڻي بيمار کي ٽائيفائيڊ يا نمونيا وغيره ڪانهي پر فلاڻي پير جي وڻ مان لڳت لڳي اٿس يا فلاڻي جن جو واسو اٿس يا فلاڻي پير جي پيٽ اٿس وغيره. ان ڪوڙي پروپيگنڊا ڪري لکين ماڻهو ڊاڪٽري علم بدران، انهن جاهلن جي نام نهاد علم کي سچو سمجهڻ لڳن ٿا ۽ پنهنجون ۽ پنهنجن پيارن جو صحتون ۽ حياتيون انهن بدمعاش ۽ جاهل ٺڳن جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا.

سيني کي خبر آهي ته جيڪڏهن دنيا جي ڪروڙين مظلوم عوام کي سياست بابت صحيح ڄاڻ حاصل ٿي وڃي ۽ هو سمجهي وڃن ته هن ڦورو ۽ ظالم غلاميءَ سان ڇوٽڪارو ڪهڙي سياست وسيلي حاصل ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي ٿو ته جيڪر ڦورو ۽ ظالم طبقن جو تمام برو حشر ٿئي. انهيءَ ڪري هزارين سالن کان هر دؤر ۽ هر ملڪ ۾ حاڪم طبقن سياست بابت سچين ڳالهين کي لڪائڻ ۽ ڪوڙين ڳالهين کي ڦهلائڻ لاءِ هڪ طرف پنهنجي قلمي ڪمدارن ۽ ڪاراون جا سڀ کان وڏيڪ فتني خور ۽ سازشي دماغ، تيز ۽ طرار قلم ۽ بيشرم ۽ بيحيا زبانون ڊيوٽيءَ مان پئي لڳايا آهن ته ٻئي طرف عوام کي صحيح سياست ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ هنن ڪڏهن ڪين تيرن ۽ تلوارن، ڀالن ۽ تفنگن سان قتل ڪرايو آهي ته ڪڏهن نانگن هٿان ڏنگايو آهي ۽ بگهڙن ۽ درندن هٿان چيرايو ڦاڙايو آهي. مظلوم عوام جي حق پرست سياست کي اسرڻ کان روڪڻ ۽ اسرندي ئي چيپاڻي ڇڏڻ لاءِ اهي طبقا تاريخ ۾ هڪڙي ڪربلا نه پر هزارين لکين ڪربلائون ڪري چڪا آهن. جيستائين هي ڦورو ۽ ظالم سماج قائم آهي تيستائين عوام دشمن ۽ عوام دوست سياست جي وچ ۾ اها جنگ جاري رهندي. انهي ڳالهه کي خيال ۾ رکندي، هتي نوٽ ڪرڻ جهڙي ڳالهه اها آهي ته جن معاملن بابت صحيح ڄاڻ ڦهلائڻ ۾ خود حاڪم طبقن جو وڏو فائدو آهي ۽ جن بابت ههڙي زبردست پڪي پختي ڄاڻ موجود آهي، انهن معاملن بابت به جڏهن ههڙي بيحيائيءَ سان، واهيات ۽ خطرناڪ ڄڙتو ڳالهيون ڦهلايون پيون وڃن تڏهن سوچي سگهجي ٿو ته جن معاملن بابت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحيح ڄاڻ زبردست مخالفتن سبب ٿڙو ٿڙو ٿي سس هاڻي گڏ ٿي آهي ۽ جن بابت صحيح ڄاڻ جو ڦهلجڻ حاڪم طبقن لاءِ ڇڻ موت جو پيغام هجي تن معاملن بابت انهن ڦورن ۽ ظالمن طرفان مسگهڙت ۽ ڪوڙي پرچار جو ڪهڙو حال هوندو؟ انهيءَ ڪري سياست ۽ ٻين اهڙين ڳالهين جن ۾ حاڪم طبقن جي نفعي نقصان بلڪ مرڻ جيئڻ جو سوال اٽڪيل آهي تن ۾ حاڪم طبقن جي ڳالهه تي ڀروسو ڪرڻ خطرناڪ بيسمجهي ۽ ناداني ٿيندي.

اسان جو نفعو نقصان معني توهان جو......
هاڻي اڳتي ٿا هلون...

ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقا عوام ۾ جيڪي گمراهيون ڦهلائيندا رهيا آهن انهن مان هڪڙي وڏي گمراهي اها هوندي آهي ته هو سندن فائدي جي ۽ عوام جي نقصان جي ڳالهه کي سندن جي گڏيل فائدي واري قدرتي ڳالهه ڪري ظاهر ڪندا آهن. ٻئي طرف هو عوام جي فائدي جي هر ڳالهه کي قدرتي طرح نقصانڪار ۽ واهيات، اڻ ٿيڻي ۽ ڏوهه جهڙي ڳالهه ڪري سڏيندا آهن. عوام کي گمراهه ڪرڻ لاءِ هنن هڪڙي خاص ابتي ۽ اڏ-اڪري ٻولي ايجاد ڪئي آهي جنهن ۾ ڏينهن کي رات ۽ رات کي ڏينهن سڏيو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثلاً: سنڌ دشمن سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جو ننڍڙو ٽولو پنهنجي بيشرم ڦرلٽ جي ڍنڍي کي اسلام جي سربلندي ۽ ملڪي سالميت لاءِ جدوجهد جا لقب ڏئي ٿو. اهو ڌاڙيلن جو ٽولو پنهنجا قومي حق گهرندڙ سنڌي ۽ ٻين گهر ڌڻين کي چور ۽ ڌاڙيل ٿو سڏي ۽ پاڻ کي گهر جو اصلي مالڪ ۽ گهر جي سمورن ڀاتين جو گهڻگهرو ۽ واحد نمائندو سڏائي ٿو. ساڳيءَ طرح سنڌي حاڪم وڏيرو طبقو به پنهنجي فائدي جي هر عوام دشمن ڳالهه کي هميشه سچي سنڌ جي سمورن ماڻهن جي فائدي جي ڳالهه سڏيندو رهيو آهي، هو غدار ۽ وطن دشمن سنڌي وڏيرن جي ڀرمستين ۽ بدمعاشين، ذلالتن ۽ غدارين جي سياست کي سنڌ جي سياست جو نالو ڏيندو رهيو آهي، ۽ سنڌي ماڻهن کي وڏي بيحيائيءَ سان چوندو رهيو آهي ته اها سياست اوهان سمورن سنڌي ماڻهن جي سياست آهي.

ان ڪري اسان کي رڳو "سنڌ جي سياست" وغيره جا سڪتا اکر ڏيئي، اکيون پوري اهو ويساهه ڪري ويهي نه رهڻ گهرجي ته ان باري ۾ جيئن ڪي ماڻهو چون ٿا تيئن ئي هوندو. اسان کي پنهنجي سر پاڻ چڱيءَ طرح جاچي ۽ ويچاري معلوم ڪرڻ گهرجي ته سنڌ جي حقيقي سياست يعني سنڌ جي ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي فائدي جي سياست ڪهڙي آهي ۽ ڪهڙي ڪانهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن کان سواءِ اها به ڇڪاس وٺڻ گهرجي ته سنڌ جي سياست جو فقط هڪڙو قسم آهي يا ان جا هڪ کان وڌيڪ به قسم آهن. جي هڪ کان وڌيڪ قسم آهن ته پوءِ اهو معلوم ڪرڻ گهرجي ته انهن مان هڪڙي قسم جي سياست صحيح معنيٰ ۾ لکن سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ جي سياست سڏائي سگهي ٿي. ساڳيءَ طرح ڏسڻو آهي ته "پاڪستان جي سياست" واري فقري مان حقيقت ۾ ڪهڙو مطلب ورتو ويو آهي. اهو به ڏسڻو آهي ته ان نام نهاد پاڪستاني سياست جو به ڪو هڪڙو مقرر قسم آهي يا ان جا هڪ کان گهڻا قسم آهن. جي گهڻا قسم آهن ته پوءِ ڏسڻو آهي ته انهن مان هرهڪ قسم جي سياست جا سنڌي ماڻهن تي ڪهڙا اثر پون ٿا؟

آخر ۾ اهو ڏسڻو آهي ته ملڪي سياست کي ائين انهن ٻن قسمن ۾ ورهائڻ ۽ ڪين اهي به نالا ڏيڻ يا انهن جي هڪڙي خاص معنيٰ مقرر ڪري ڇڏڻ جو اصل مقصد سنڌي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي يا ڪو ٻيو ابتڙ مقصد.

هاڻي اچو ته ان سوال تي ويچار ڪريون ته آيا دنيا ۾ ڪنهن اڪيلي قبيلي، قوم يا ملڪ جي ڪا اهڙي سچي دنيا کان ڪٽيل، نرالي ۽ خالص سياست به ٿي سگهي ٿي جنهن جو ٻين صوبن، قومن يا ملڪن سان ڪنهن به قسم جو ڪوبه واسطو يا لاڳاپو نه هجي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كائنات جي هيڪڙائي

كائنات جي سائنس، كائنات ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهه به آهي ان بابت جيڪي مکيه بنيادي ڪائناتي قانون ڳولهي ڪڍيا آهن ۽ ثابت ڪيا آهن تن مان هڪڙو مکيه بنيادي ڪائناتي قانون ڪائنات جي هيڪڙائي ۽ وحدت جو قانون آهي. ڪائناتي سائنس جي اصول مطابق سڄي دنيا پس پيش هڪ آهي. دنيا جي ڪابه شيءِ، ڪوبه لقاءُ ٻين شين ۽ لقائن کان قطعي ڪٽيل ۽ اڪيلو ٿي سگهي ٿي نه ٿو. ڪائنات ۾ سڀئي شيون لقاءَ ۽ ڳالهيون هڪٻئي سان لاڳاپيل آهن، هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿيون هڪٻئي کي متاثر ڪن ٿيون ۽ هڪٻئي اندر سمايل آهن.

مختلف شين، لقائن، ڳالهين جي وچ ۾ يا مختلف شين لقائن ۽ ڳالهين اندر سندن مختلف پاسن ۽ جزن جي وچ ۾ اهو جيڪو لاڳاپو آهي ۽ اهو جيڪو هڪٻئي تي اثر وجهڻ جو لاڙو آهي ان کان سواءِ ڪائنات ۾ ڪابه چرپر ٿي ڪانه سگهي ها! اهو ئي سبب آهي جو اينجلس (ڪائنات جي سائنس) مادي جدليت کي، ”دنيائي (عالمي) ڳانڍاپي جي سائنس“ ڪوٺيو آهي....

”ڪنهن شيءِ، ڳالهه يا لقاءُ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪيس سندس جيڪو ٻين شين، ڳالهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا لقائن سان لاڳاپو آهي تنهن لاڳاپي بسميت جاچيو ۽ تپاسيو وڃي"
(ڏسو ڪتاب "مارڪسي ليننني فلسفي جي پيڙه" نالي انگريزي ڪتاب جو صفحو ١٢٦)

"دنيا ۾ ڪابہ ڳالهہ اهڙي آهي ئي ڪانہ جيڪا ٻين ڪان صفا الڳ هجي. هر ڳالهہ ٻين کان متاثر ٿئي ٿي"
(ڏسو ڪتاب ساڳيو صفحو ١٢٧)

مثال طور جيڪي ڪجهہ سنڌ ۾ اڄ ٿئي ٿو يا سياڻي ٿيندو تنهن جو دارومدار ڪن حالتن ۾ اهڙين ڳالهين تي آهي جيڪي سنڌ کان سوين هزارين ميل پري جي علائقن ۾ اڄ کان ڪروڙين سال اڳ ٿي چڪيون آهن.

مثال طور اڄ کان ڪروڙين سال اڳ، سنڌ کان گهڻو پري، هماليہ جبل جي بلندين تي برف جا ڪي اڄگر جيڏا پهاڙ ڏهيا جن جيڏا برف جا پهاڙ سواءِ اتر ۽ ڏکڻ قطب جي دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ هنڌ تي ناهن.

پاڪستان جي جاگرافي (ليکڪ: ڪي. يو قريشي)
اسان کي ٻڌائي ٿي تہ "سنڌو ندي پنهنجي پاڻيءَ جي سيلاءِ برف جي پهاڙن جي ٻن وڏن ميڙن مان حاصل ڪري ٿي. اهي آهن هندوڪش ۽ قراقرم جہ برف جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهاڙن جا ميڙ، قراقرم واري برف جي پهاڙن جو ميڙ اتر ۽ ڏکڻ قطبن وارن برف جي پهاڙن کان پوءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏو برف جي پهاڙن جو ميڙ آهي. (ڏسو صفحو: ٤٦)

'ڪروڙين سال اڳ سنڌ کان گهڻو پري ۽ ڌرتي جي عام سطح کان گهڻو مٿي هزارين لکين سالن تائين برف جي گڏ ٿيڻ سان اهي برف جا اجگر پهاڙ نه ڏهن ها، اهي پهاڙ هر سال بهار جي موسم ۾ اتي نه ڳرن ها، انهن مان اٿاهه پاڻي وهي وڏو وهڪرو نه ڏاهي ها ۽ اهو وڏو وهڪرو هزارين سالن ۾ سنڌو نديءَ جي صورت وٺي سنڌ ۾ ذره پهچي ها ته لکين سالن کان پوءِ اڄ اسين ان برف جي پهاڙن جي رجيل برف جي پاڻيءَ مان پنهنجون پنيون آباد نه ڪري سگهون ها! شايد سنڌ هڪ رڻ پٽ يا بلوچستان جهڙو غيرآباد علائقو هجي ها ۽ شايد اسين سنڌن پويان اڄ سنڌي سڏجڻ ۽ سنڌي ڳالهائڻ بدران گجراتي، ٻاسل يا پيو الائجي ڇا ڇا سڏايون ۽ ڳالهايون ها!

سنڌ ۽ سنڌونديءَ

سنڌ ۽ سنڌوندي لازم ملزوم آهن

سنڌ جو نالو سنڌونديءَ تان پيو. سنڌوندي، سنڌ ۽ اسان سنڌي ماڻهن جي جان آهي جنهن کان سواءِ

سنڌ يا سنڌي ماڻهن جي وجود جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. ان جي شان ۾ هزارين نغما ۽ سوين داستان چيل آهن پر اها اسان جي ساهه جو پساهه سنڌونديءَ به اِي سڄي دنيا کان صفا ڪٽيل ۽ فقط سنڌ جي هاٺوڪين حدن تائين محدود ناهي. ان جا سنڌ کان ٻاهر جي دنيا سان اهڙا بيشمار ظاهري توڙي اڻ لکا لاڳاپا آهن جن تي سوچي عجب وٺي ويندو.

اها سنڌ کان گهڻو پري هماليه جبل مان نڪري ٿي، سوين ميل غيرسنڌي علائقن مان لنگهي ٿي ۽ چوڙ وڃيو سنڌ جي زميني سرحدن کان اڳتي عربي سمنڊ ۾ ڪري ٿي. اها زمانن کان پنهنجي پاڻيءَ جو ڪجهه حصو سنڌ جي ماڻهن کي ڏئي ٿي ته ڪجهه وري سرحد ۽ پنجاب جي ماڻهن ۾ ورهائيندي اچي. سندس گهڻو پاڻي هيٺ وڃيو عربي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ ملي. لهرون ڪيس اتان ڪٽيو وڃيو اڪيچار ديس، ڪنڌن ۽ سمنڊن جي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ سان ملائين. سنڌوءَ جو اهو سدا سيلاني پاڻي اهڙي ريت دنيا جي ٻين پاڻين سان گڏجي هرسال سج جي تپش ۾ ٻڦار جي صورت وٺي ڪڪر بنجي ڏورانهين ڏيهن، ميدانن، رڻ پٽن، جهنگن ۽ ڀهاڙن تي ڪرندو رهي ٿو ۽ دنيا جي ڀانت ڀانت جي ساهوارن جي جيءَ جو جياپو بنجندو رهي ٿو. پيو ٿهيو رڳو اسان وٽ هن سال مينهن پوندو يا نه تنهن جو دارومدار به خالص سنڌي حالتن تي نه پر هن ڳالهه تي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سنڌ کان گھٽو پري بنگالي اپسمنڊ جي منهن وٽ خط استوائي واچوڙا پيدا ٿين ٿا يا نہ ۽ جي ٿين ٿا تہ انهن جي ڪري جيڪي منهن پربل ڪڪر هندستان جي صوبي راجستان جي مٿان گڏ ٿيا آهن سي هن سال ڪيڏانهن ٿا وڃن يعني ڦيرو کائي اتر اولهہ طرف هليا ٿا وڃن يا الهندو رخ وٺي سنڌ مٿان ٿا لنگهن!

چو تہ جاگرافي پڙهائي ٿي تہ "بنگال جي اپسمنڊ جي منهن وٽ 'بين خط استوائي' محاذ تي جيڪي خط استوائي واچوڙا پيدا ٿيندا آهن، سي اتر اولهہ ڏانهن رخ ڪري، اتر هندستان کان ٿيندا پاڪستان ۾ داخل ٿيندا آهن. انهن مان ڪي هندستان جي وچ وارن حصن يا راجستان ۾ پهچي، وڪڙ کائي اتر اولهہ طرف روانا ٿي ويندا آهن، باقي ٻيا سڌو اولهہ جو رخ وٺي اڇي سنڌو نديءَ جي هيٺين ماٿري (سنڌ) ۾ مينهن وسائيندا آهن." (ص ١٣، ڪتاب ساگيو)

مطلب تہ سنڌ ۾ مينهن پوڻ يا نہ پوڻ جو دارومدار اڪيلي سنڌ جي خالص سنڌي حالتن تي نہ پر گھٽي ڀاڱي سنڌ کان ٻاهر جي حالتن تي آهي. ساڳيو حال روزاني موسم جو آهي. رکو سنڌ جي تخت گاهہ ڪراچيءَ جو مثال وٺو. ڪراچي سمنڊ جي ڪناري تي آهي ان جي ڪري ان جي آبهوا اونهاري ۾ وچٿري ۽ وڏنڊڙ هئڻ کپي ۽ اڪثر هوندي بہ آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن اوچتو ئي اوچتو ڪراچيءَ جهڙي

موسم واري شهر ۾ اپڙي ته زبردست گرمي ٿي ويندي آهي جو ماڻهو حيران ٿي ويندو آهي. **سبب؟**

خالص غيرسنڌي پڙهو ”راجستان جي رڻ کان هوائون جڏهن چڪجي اتر عربي سمنڊ ۾ هوا جي هلڪي دٻاءَ وارن ڪُنن ۾ داخل ٿينديون آهن تڏهن ڪراچيءَ ۾ ٿوري وقت لاءِ گرميءَ جو درجو گهٽجو مٿي هليو ويندو آهي.“ (ڏسو ص ٣٠، ڪتاب ساڳيو)

پاڪستان ۾ سياري جي مند ۾ ڪنهن مهل اوچتو موسم بدلجي ويندي آهي نه پاڻ ته سيارو، نه پاڻ ته اونهارو! ماڻهن کي اوچتو موسم جي ڦيرگهير ڪري زڪام ۽ پيون بيماريون ٿي پونديون آهن. **سبب؟**

ملڪي؟ نه! خالص غيرملڪي! پڙهو: ”پاڪستان ۾ سياري جي سڄي موسم تي ڪڏهن ڪڏهن اولهه کان آيل ان موسمي گڙٻڙ جو اثر پوندو آهي جيڪا يورپ سمنڊ جي موسمي منجهاند تي پيدا ٿيندي آهي ۽ عراق، ايران ۽ افغانستان جو گس وٺي اچي پاڪستان کي پهچندي آهي.“ (ص ٣٠، ڪتاب ساڳيو)

سنڌي ماڻهن جا ڏورانهين ڏيهن سان تمام ويجها ناتا رهيا آهن. اهي ناتا رڳو واپار، ثقافتي ۽ سياسي ڏي وٺ تائين محدود نه رهيا آهن. انهن ۾ نسلي لاڳاپا به اچي وڃن ٿا. مثال طور جديد سنڌي قوم ڪن مکيه نسلن مان ٺهيل آهي يعني دراوڙ، سماٽ ۽ بلوچ، انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺنهي نسلن جي ماڻهن جا تمام ڏورانهين ڏيهن جي ماڻهن سان ۽ بلوچن جا سوين هزارين سال اڳ پونچ سمنڊ جي علائقي جي ماڻهن سان لاڳاپا آهن ڇو ته انهن جو اتان جي ماڻهن جو هڪ دور ۾ اصل نسل ساڳيو هو. ساڳئي طرح سمائن جا وري وچ ايشيا جي قديم ماڻهن ايرانين ۽ جرمنن وغيره سان گهرا ثقافتي تاريخي ۽ نسلي رشتا آهن، ڇو ته اهي سموريون قومون ساڳئي آريائي نسل ۽ ساڳئي وچ ايشيائي وطن سان تعلق رکن ٿيون. اهي ماڻهو پنهنجي علائقن ۾ زبردست اٿلن پٿلن ڪانپوء هو پنهنجن ڪان ڌار ڌار ٿي دنيا جي مختلف ملڪن ۽ ڪنڊن ۾ پکڙجي ويا.

تاريخي اٿلون پاٿلون

تاريخ جي هر دور ۾ پين ملڪن ۽ ڪنڊن اندر جيڪي وڏيون وڏيون تاريخ ٿاهيندڙ اٿلون پاٿلون آيون آهن تن سڀني، سنڌ کي ڪنهن نه ڪنهن سڌي يا اڻ سڌي نموني متاثر ڪيو آهي. هزارين سال اڳ بهار ۾ ڏاهو گوتم پيدا ٿيو ته جلدئي سڄي سنڌ ٻڌ جي مندرن سان سينگارجي ويئي ۽ هتان کان هزارين ڪوهه پري پيدا ٿيل ٻڌ مذهب رڳو راء گهراڻي جي زماني ۾ ٻه سڄا سارا پوڻا ٻه سؤ سال سنڌ جو سرڪاري مذهب ٿي رهيو. ماڻهن جا خيال، عقيدا، عادتون، سوچ ويچار جا ڍنگ، چڱائي برائي جا ماپا ۽ ڪائنات جي

ڏوڙ ۽ ڊهڻ، انسان جي جيئڻ مرڻ ۽ سنڌس آخري
پڇاڙي جا تصور چڻ هڪڙي وڏي سماجي انقلابي طوفان
۾ وڪوڙجي ويا. ان ڪانپوءِ جڏهن وري ڪشميري
برهمڻ چچ ڪشمير کان اچي نيٺ سنڌ جو راجا ٿيو
تڏهن به سنڌي ماڻهن لاءِ منظور ۽ مقرر ٿيل ڌرم
جي تصورن ۽ عقيدن ۾ زلزلو اچي ويو ۽ سنڌ دنيا ئي
بدلجي ويئي. برهمڻ جي راڄ کي سنڌ ۾ قائم ٿئي اڃا
٩٠ کن سال به پورا نه ٿيا هئا ته سنڌ کي هڪ ڀيرو
وري اولهه طرف عربستان جي رڻ پٽ کان آيل هڪڙو
نيو نظرياتي، سماجي، ثقافتي ۽ سياسي طوفان وڪوڙي
ويو. اک ڇنڀ ۾ سنڌ جو سرڪاري مذهب ۽ سرڪاري
طرح منظور ٿيل رهڻي ڪهڻي، سماجي سوچ ويچار ۽
عادتون ڦري اور ٿي پيا جن جو اڳ ۾ ڪنهن کي وهم
۽ گمان به ڪونه هيو. اهڙي ريت بهار، ڪشمير ۽
عربستان جي ڌورانهن ڏيهن جي ماڻهن جي خيالن ۽
عملن ۾ جيڪي انقلاب آيا تن سنڌ جي ماڻهن جي
خيالن ۽ عملن ۾ لڳاتار انقلاب آڻي ڇڏيا. ويجهڙائيءَ
واري دور ۾ سمي حاڪم جام نندي جي حڪومت
جي زماني ۾ قنڌار جا حاڪم ارغون هئا. ان زماني ۾
بلوچستان جا رند ۽ لاشاري پاڻ ۾ وڙهيا. رندن جو
سردار چاڪرخان لاشارين خلاف قنڌار جي حاڪم ارغونن
کي چاڙهي آيو. ارغونن ۽ رندن گڏجي لاشارين کي
تباهه ڪيو ۽ کين سنڌ طرف پڇائي ڪڍيو. نيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارغونن خود ڇاڪرخان کي به بلوچستان مان ڪڍي ڇڏيو ۽ هو. پاڻ بلوچستان جا حاڪم بڻجي ويٺا. اتان پوءِ هو موقعو ڏسي، ڄام فيروز جي دوز ۾ سنڌ جي حڪومت جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي سنڌ تي ڪاهي آيا ۽ سنڌ کي بلوچستان وانگر غلام بڻائي ڇڏيائون. اهڙيءَ ريت بلوچستان اندر ٺيل خالص اندروني سماجي سياسي واقعن اهڙي صورتحال پيدا ڪئي جو ارغونن کي نه رڳو بلوچستان ۾ داخل ٿيڻ جو وجهه مليو پر ڪين سنڌ جي ڪمزور ٿيڻ شرط ان تي فوراً وار ڪري ان کي غلام بڻائڻ ۾ آساني سان ڪاميابي حاصل ٿي ويئي. ٻين لفظن ۾ بلوچستان جي ڪمزوري ۽ غلاميءَ ۽ سنڌس سنڌ خلاف فوجي ۽ سياسي اڏي طور ڪم اچڻ بنان، سنڌ کي ان دور جي حالتن ۾ غلام بڻائڻ ممڪن نه هو.

ياد رهي ته عرب به راجا ڏاهر جي وقت ۾ سنڌ کي غلام بڻائڻ کان اڳ بلوچستان کي غلام بڻائي پنهنجو سياسي ۽ فوجي اڏو بڻائي چڪا هئا. ان اڏي مان ئي حملو ڪري هنن سنڌ کي غلام بڻايو. ان کان پوءِ به هر دور ۾ بلوچستان ۾ سياسي لاهين چاڙهين سنڌ کي فورن متاثر ڪيو آهي ۽ هيئنر به ڪري پئي. پئي سڄي ملڪ سان گڏ سنڌ ۾ اڄ جيڪا صورتحال آهي ان جو هڪڙو مکيه فوري سبب اهو بڻيو جو مرڪزي سول حڪومت ۽ صوبائي سول حڪومت جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي نڪر ٿي پيو ۽ فوج کي بلوچستان ۾ پنهنجا پير کوڙي سول حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جو بهانو ملي ويو.

٢٤ سيپٽمبر ١٥٩٩ع تي سنڌ کان ٥ هزار ميل پري لنڊن شهر جي ڪن واپارين پنهنجي ملڪ جي راڻي ايلزبيٿ پهرين ۽ کي درخواست ڪئي ته کين هڪڙي ۽ واپاري ڪمپني جي حيثيت ۾ هندستان سان واپار ڪرڻ جو پروانو ڏنو وڃي. رٿيل ڪمپني جو نالو پوءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي نالي سان مشهور ٿيو.

اها درخواست منظور ٿي. ان جي نتيجي ۾ اڍائي سؤ سال پوءِ سنڌ ۾ ١٨٤٣ع ۾ هڪڙو ٻيو زبردست انقلاب آيو ۽ مياڻي ۽ دٻي جي لڙاين کانپوءِ سنڌ مشرقي قومن بدران پهريون دفعو هڪ يورپي قوم وٽ غلام بنجي ويئي ۽ سندس قومي ۽ سماجي زندگي ۾ هڪڙو اهڙو زلزلو اچي ويو جنهن سنڌ جي سماج جا ڪئين صديون پراڻا ٿنڀا ڪيرائي ڇڏيا.

مياڻي ۽ جي لڙائي کان پورا ٻه سال پوءِ ١٨٤٥ع ۾ يورپ ۾ هڪڙو ڪتاب لکيو ويو جنهن ۾ چيو ويو ته سڄي دنيا جو نظام غلط ۽ ظالماڻو آهي. اهو ڊاهي نئين سر اڏڻ گهرجي. ان ڪتاب جو نالو ڪميونسٽ پڌرنامو هو. ان ڪتاب ۾ ڏسيل هدايتن مطابق دنيا جي هڪڙي پوئتي پيل ۽ بيمار ملڪ روس ۾ انقلاب آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين انقلابي حڪومت بيپناهه طاقت بڻجي ويئي، ان دنيا جي ٻي عظيم جنگ کٽڻ، سامراج ۽ خاص ڪري انگريز سامراج کي ڪمزور ڪري ڪين هندستان ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ۽ اهڙي طرح هڪ خدا تائين ان ڪتاب جي روشنيءَ ۾ آيل ان انقلاب جي شاندار سوڀ جي مهابي اسين سنڌ ۽ هند جا ماڻهو آزاد ٿي سگهياسون.

ان ڪتاب لکجڻ کان پورا ١٣٥ سال پوءِ ۽ ان مطابق آيل روسي انقلاب کان ٦٣ سال پوءِ اڄ سال ١٩٨٠ع ۾ ان حڪومت جون فوجون تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اسان جي سرحدن جي ويجهو ويٺيون آهن ۽ سنڌ توڙي پيو سڄو ملڪ اهڙن زبردست انقلابي ۽ انقلاب دشمن طوفانن جي وڪوڙ ۾ اچي ويا آهن جن جو نتيجو ڪهڙو به نڪري سگهي ٿو.

ثقافتي، سياسي ۽ ٻين سمورن معاملن ۾ اسين پل پل ٻاهرين دنيا جي واقعن ۽ حالتن کان متاثر ٿيا آهيون. تنهن جا مثيان فقط ڪي ٻنهه ٿورا مثال آهن. جيئن ڪائنات پنهنجن سمورن فرقن ۽ تضادن جي باوجود پس و پيش هڪ آهي، تيئن انسانذات به سمورن فرقن ۽ تضادن جي باوجود پس پيش هڪ آهي ۽ هر گهڙي، هر پل دنيا جي هڪ حصي ۾ ٿيل ڳالهيون ان جي ٻين حصن جي ماڻهن کي متاثر ڪنديون ۽ ڪائنڻ متاثر ٿينديون رهيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالص ۽ پيور سياست؟!

ان کري ڪاٻہ اهڙي سياست ٿي سگهي ٿي ڪانہ ٿي جيڪا اهڙي خالص هجي جو اها اهڙي نموني ڪنهن هڪڙي ڌر، قوم يا ملڪ جي سياست هجي، جو ان جو ٻئي ڪنهن ڌر، قوم يا ملڪ جي سياست سان ڪوبہ واسطو، ڪو لاڳاپو، ڪو دارومدار، ڪو اوت سوت اثر يا دخل نہ هجي. ان ڪري اهڙي ڪنهن خالص سنڌي سياست جي ڳالهہ ڪرڻ جيڪا پاسي وارن صوبن، قومن، ملڪن ۽ دنيا جي سياست ڪان صفا الڳ، ڪٽيل ۽ يڪي سر شينهن قسم جي سياست هجي سو فطرت جي اصولن جي خلاف ورزي ڪرڻ، ۽ پنهنجي بي‌سمجهي، بي‌عقلي، ناداني ۽ جهالت جو ثبوت ڏيڻ ٿيندو.

سنڌ جي سياست هميشه پرورن علائقن ۽ ملڪن جي سياست ڪان سڄي دنيا تي ڇانئجندڙ سياست ڪان متاثر ٿيندي رهي آهي ۽ موٽ ۾ انهن کي متاثر ڪندي رهي آهي. اڄ بہ ائين ٿئي پيو ۽ هميشه ائين ئي ٿيندو رهندو.

فرق رڳو اهو آهي تہ ٻاهرين سياست شعوري طرح ۽ اڳتي وڌي پنهنجي حرڪت ۽ اڳرائي سان اسانکي متاثر ڪيو آهي ۽ اسان پنهنجي گهر جي ڪنڊ ۾ ڪڪڙ ٿي مٺ ڪري ويهي ڪين هن نموني متاثر ڪيو آهي

ڇو اسان جي اڪثر ڪمزور ۽ بتال حالت ڪين اڪثر مڏ پئي ڪيا آهن ته ”اچو! اچي اسان تي قبضو ڪري اسان دي ڦريو ۽ لٽيو ۽ غلام بڻايو!“.

جنگ فقط هٿيارن سان ڪانه ٿيندي آهي. هٿيار بند جنگ جو دارومدار نظرياتي، ثقافتي، اقتصادي ۽ سياسي جنگ تي هوندو آهي. فوجي توڙي سياسي جنگ جو اهو تسليم ٿيل اصول آهي ته عام حالتن ۾ دشمن جي حملي کان پاڻ بچائڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته اڳتي وڌي مٿس حملو ڪجي. ان ڪري چوندا آهن ته ”بچاءَ جو بهترين طريقو آهي حملو ڪرڻ“. ان اصول تي ڪامياب عمل جو مشهور مثال برطانيه جو آهي. برطانيه يورپ جي ٽن ملڪن، روس، فرانس ۽ جرمنيءَ جي پيٽ ۾ پنهنجي سر ڪو ايڏو ڀرو ملڪ ڪونهي پر هن سدائين دنيا کي آڱرين تي نچايو آهي. صدين جون صديون هن پنهنجي ملڪ جي سرحدن اندر ڪا لڙائي ٿيڻ نه ڏني آهي. برطانيه جي سياستدانن ايامن کان اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪري ڇڏي آهي ۽ ان موجب اڳتي وڌي پنهنجي ملڪ کان ٻاهر يورپ ۽ ٻي دنيا ۾ اهڙو سفارتي، سياسي ۽ اقتصادي جار وڇائي ڇڏيو آهي جو اڄان ڪو ڪانئس طاقتور ۽ ڀرو دشمن ملڪ مٿس حملي ڪرڻ لاءِ سنيري ئي مس ٿو ته اهو هڪدم انگريزن جي وڇايل حڪمت عملي ۽ تدبيرن جي ان اڻ لکي جار ۾ وچڙي خود پنهنجي پاڙ پسرين سان

اهڙو اڻڪي پوي ٿو جو پيٽو تڏهن ٿو پوي جو برطانيه تي حملو ڪرڻ ته حملي جي ماڳ اڻلو حملو ڪندڙ طاقت جو گهر نسبت ٿيو وڃي. تانجو جنهن مهل هو ٽڪيو، ڦان ٿيو، صلح لاءِ پاڌائي ٿو ۽ سنڌس قسمت جو فيصلو ڪرڻ جو وقت اچي ٿو، تنهن مهل فيصلي ڪرڻ وارن چڱن مڙسن جو مک خود برطانيه بڻيو ويٺو هوندو آهي جو ڪيس مارائي، ذليل ڪري، مفت ۾ گهر ويٺي سنڌس نپڙ به ورهائي ڪٽي ويندو آهي ۽ ڪيس اڻلو ٿوڙائتو به ڪري ڇڏيندو آهي ۽ وري ڪيس ڪنهن ٻئي ملڪ خلاف استعمال ٿيڻ لاءِ تيار به ڪري ڇڏيندو آهي! برطانيه انهيءَ حڪمت عملي ۾ ان ڪري ڪامياب ويو آهي جو ان جا سياستدان گهر جي ڪنڊ ۾ ڪڪڙ ٿي ڪونه ويهندا آهن پر سڄي دنيا کي پنهنجي سياست جو ميدان جنگ سمجهندا آهن. دنيا جي هڪ ڪنڊ کان وٺي ٻيءَ ڪنڊ تائين جيڪو ڪجهه وهي واپري پيو، تنهن جي خبر رکندا آهن، ان جاڻ جي آڌار تي دنيا جي ننڍي کان ننڍي ملڪ، قوم يا قبيلي جي اندروني لاڳاپن ۽ تضادن کي سمجهي ان جو ڀرپور فائدو وٺندا آهن.

مير جعفر ۽ مير صادق، مير صوبدار ۽ مير علي مراد

جيتري گوري فوجي قوت انگريزن هندستان کي غلام بنائڻ ۾ سيڙائي سا انهن بي پناهه هندستاني فوجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قوتن جي پيٽ ۾ تڪ برابر ٿي ڪانه هئي. جيڪي قوتون انگريزن خود هندستانين کي پاڻ ۾ ويڙهائي منجهائڻ هٿ ڪري خود سنڌين خلاف استعمال ڪيون. مير صوبدار، مير علي مراد ۽ ٻين ميرن جا مثال اسان جي اکين اڳيان آهن جن کي سياڻي ڪان اڳ ئي انگريزن پاڻ ۾ ويڙهائي چٽ ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن سنڌ ۽ هند جي بيشمار حڪومتن جا ڪم رڳو پنهنجي مڪاني مسئلن کي ڏيان ۾ رکڻ ۽ انهن لاءِ هڙ هٿان ڪرڻ بدران پنهنجي قدرتي، اندروني اختلافن ۽ جهيڙن جهٽن جي باوجود وڏي نظر ڏاري، دوراند‌يشيءَ کان ڪم وٺي، سڄي سنڌ ۽ هند جي گڏيل سياسي مسئلن ۽ سياست تي به نظر رکن ها ۽ انهن گڏيل ملڪگير مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ رٿابندي ڪري گڏيل سياسي حڪمت عملي ۽ تدبيرون ڳاهي انهن تي محڪم ارادي سان عمل ڪن ها، آسپاس جي ملڪ جي حالتن تي ڪڙي نظر رکن ها، انهن ملڪن ۾ ٿيندڙ سياسي ۽ ٻين تبديلين کان بروقت واقف ٿيندا رهن ها، سنڌن تضادن کي پنهنجي بچاءَ ۾ ڏاهپ سان ڪتب آڻيندا رهن ها، ڪنهن ٻاهرين خطري پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ان جو اندازو لڳائي انهن جو اڳواٽ تدارڪ ڪري ڇڏين ها، اڳتي وڌيل سفارتڪاري ڪتب آڻي ٻاهرين ملڪن سان اڳرائي توڙي بچاءَ جا اتحاد ۽ ٻيا بندوبست ڪري ڇڏين ها ته هن ملڪ جي ماڻهن تي ڏارين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حملو ڪندڙن جي جيڪا ڏوڪ ڏوڪان گذريل هزارن
سالن کان جاري آهي سا شايد شروع ٿي نه ٿي سگهي
ها ۽ اڄ هندستان دنيا جي عظيم ترين قوتن مان هڪ
هجي ها. ٻيو ٿيو رڳو سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾ ٿي
اتحاد هجي ها ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ڏک سک ۾ هڪٻئي
جي مدد ڪرڻ جا معاهدا قائم ٿيل هجن ها ته به
جيڪر سنڌ جي تاريخ ڪا ٻي هجي ها. مثال طور:
جيڪڏهن سمن جي دور جي سنڌي حڪومت بلوچستان
۾ ڪاميابيءَ سان دوستاڻي مداخلت ڪري، رندن ۽
لاشارين جي وچ ۾ صلح ڪرائي، ارغونن کي بلوچستان
۾ آٽڻ جو سبب ختم ڪري سگهي ها ته وڌو امڪان
اهو هو ته باوجود وقتي اندروني ڪمزوريءَ جي، سنڌ
جيڪا اڳ دهليءَ جي ٽن شهنشاهن کي شڪست
ڏيئي چڪي هئي، سا ارغونن کي به منهن ڏئي وڃي ها.
خود عربن جي دؤر ۾ به جيڪڏهن سنڌ ۽ بلوچستان
جي وچ ۾ عرب شهنشاهيت بابت همخيالي ۽ همصلاحي
هجي ها ته عرب شهنشاهه ايڏي آساني سان. ٻنهي کي
ڌار اڪيلو اڪيلو ڪري غلام نه بنائي سگهن ها!
اڃان ڪالهوڪي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ رجعت پرست
سنڌي ٻوليءَ کي معمولي حق ملڻ خلاف فساد پئي
ڪيا ته بلوچستان وارن همراهن بلوچيءَ بدران اردوءَ
کي پنهنجي صوبائي ٻولي پئي بنايو ۽ سنڌين جي ڦٽن
تي لوڻ پئي ٻرڪيو. وري جڏهن اٺ کان ستت ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ بلوچستان کي فوجي ٽولي رت ۾ پٽي وهنجاريو، تڏهن اڪثر سنڌين ماٺ ڪري تماشو پئي ڏٺو.

رڳو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ واري ڏور ۾ ٻه جيڪڏهن سنڌي ٻاهرين دنيا جي سياست بابت ڀرپور ڄاڻ رکن ها، پنهنجا دوست ۽ اتحادي ڳولهين ها، پر وارن صوبن ۽ علائقن جي سياست کي ڪنهن ڏاهپ ۽ مؤثر ڍنگ سان متاثر ڪري سگهن ها، انهن علائقن ۾ پنهنجي فائدي وارين قوتن کي وڌائڻ، مخالف قوتن کي ڪمزور ڪرڻ يا گهٽ ۾ گهٽ سنڌ مخالفت جي رخ کي موڙي مٺو ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪن ها ته به اڄ سنڌ جي سياست ٻي هجي ها.

گهر جي ڪنڊ يا ٻاهر ميدان وڃڻ جي؟

هن وقت به سنڌ لاءِ اهو سوال آهي ته اسين دنيا کان بدستور متاثر ٿيندي، موٽ ۾ ڪيئن اڳي وانگر وڏيرڪي، بيوقوف ۽ بي عمل، خودغرض، موقعي پرست، بزدل ۽ وطن فروش سياست کان متاثر ڪريون يا سجاڳي، سمجهه، همت، مؤثر ۽ وطن سان وفاداريءَ واري عوامي انقلابي سياست سان متاثر ڪريون. پنهنجي گهر جي ڪنڊ ۾ ويهي رڳو ٻاهرين قوتن جي حملن کان بچاءَ جي نالي ماتر رسم پوري ڪري رڳو ڦرئي وانگي واريون دانهون ڪندا رهون ۽ هميشه وانگر اڪثر رڳو شڪستون کائيندا ۽ غلاميءَ جون پيڙائون ڀوڳيندا رهون يا دشمن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا سياسي ۽ پيا گهيرا ٺوڙي گهرن کان ٻاهر نڪري
اچي وڃي. رجعت پرست سنڌ دشمن اڏن ۾ گهڙي سندن
گهر جي ستايل ڀاتين جو ساٿ حاصل ڪري ڪيس
سندس گهرو اڏي ۾ گهڻي سوڙهو ڪري ڇڏيون.

فقط سنڌي سياست ۽ خالص سنڌي سياست جو نعرو
هڪڙو وڏيرڪو سنڌ دشمن شوشو آهي. ان جو بنياد
پاڪستان بابت ڪن هوائي نظرين تي رکيل آهي.
ماڻهن وانگر ڳالهيون به اندر ٻاهر هڪجهڙيون نه
هونديون آهن. ماڻهن وانگر ڪي ڳالهيون به سهڻن
ٺوهن جيان ٻاهران ڏسڻ ۾ سهڻيون پر حقيقت ۾ اندران
اندر زهريليون هونديون آهن. حقيقت کان نٽائيندڙ
رجعت پرست پنهنجي عوام دشمن مفادن خاطر حقيقتن جي
ابتڙ پاسن مان ڪڏهن هڪ ته ڪڏهن ٻئي پاسي تي
اجايو زور ڏيئي، گهٽ وڌ ڳالهه ڪري، ڪڏهن ڪنهن
سچي ڳالهه کان صفا انڪار ڪري، سچ کي ترڇو
هيڻو لڪائي، ڪڏهن ڪنهن بي سچي ڳالهه ۾ اجايو
وڌاءُ ڪري، تيلي ٿي مان ٿنڀ بنائي، حقيقتن جي سچائي
جنهن توازن جي آڌار تي قائم هوندي آهي ان کي
بگيڙي، خراب ڪري، سچ کي ڦيرائي هڪڙو خطرناڪ
ڪوڙ بنائي، ان کي عوام خلاف هٿيار ڪري ڪتب
آڻيندا آهن.

اهڙين، ڏسڻ ۾ ٺوهه جهڙين سهڻين ۽ ظاهري طرح
سنڌ دوست ڳالهين، پر اندر ۾ زهر جهڙين ڪوڙين ۽

سخت سنڌ دشمن ڳالهيون، جو هڪڙو وڏي ۾ وڏو مثال آهي نقلي قوم پرست وڏيرن جو پاڪستان بابت خيالي ۽ هوائي تصور.

هو چون ٿا ته پاڪستان انگريز سامراج ۽ رجعت پرست مسلمان جاگيردارن جي وچ ۾ ٿيل سازش تحت هڪڙي غير سائنسي بنياد تي ٺاهيو ويو آهي. پاڪستان ۾ اسلام، نظريه پاڪستان ۽ قومي سالميت جي نالي جي آڙ ۾ ننڍين قومن جا حق ڦٻائي کين پنهنجي وطن ۾ بي وطن ڪري، غلام بڻايو ويو آهي. پاڪستان ۾ ڊڪٽيٽرشپ آهي، پاڪستان جون حڪومتون سامراج جون چاڙتيون آهن وغيره. ظاهر آهي ته اهي ڳالهيون گهڻي حد تائين سچيون آهن، اڄڪلهه ته سنڌ جي هڪڙي ننڍڙي ٻار کي به انهن جو احساس آهي. ڀلا ڪير انڪار ڪندو ته پاڪستان ۾ مظلوم قومن جي حقن تي ڌاڙا لڳا نه آهن؟ ڪير چوندو ته پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هن ملڪ جا ماڻهو خاص ڪري مظلوم قومن جا ماڻهو ڀوت جي منهن ۾ ناهن؟ پاڪستان جو تصور، ان جو قيام ۽ حڪومت جو ڍنگ سامراجين ۽ رجعت پرستن جي ناپاڪ سازش، بي ايماني، ناحق ۽ ظلم تي ٻڌل آهي. اها ڳالهه سج وانگر صاف ۽ روشن آهي. ضرورت اها آهي ته انهن حقيقتن کي بنا ڪنهن اجائي وڌاءَ جي سنئين سڌي نموني پنهنجي تاريخي پس منظر ۾ پيش ڪجي ۽ انهن جي تدارڪ لاءِ صحيح وات ڳولهي جدوجهد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجي. ۽ نقلي قوم پرست وڏيرا سياستباز پاڪستان جي موجوده رجعت پرست نظام کي ناحق تي ٻڌل ۽ ناجائز ثابت ڪرڻ کان پوءِ ان کي هڪڙي اڻ وڻندڙ ۽ خراب سياسي حقيقت ليکي ان کي مڙسيءَ سان منهن ڏيڻ جي وات ڏسڻ بدران هڪطرفائي ۽ وڏاءَ کان ڪم وٺي، ان کي سندس صحيح تاريخي پس منظر کان ڪاٽي، پاڪستان کي هڪڙي اهڙي خيالي شيءِ ڪري پيش ڪن ٿا جو ڄڻ ته پاڪستان نالي دنيا ۾ ڪا شيءِ حقيقت ۾ آهي ئي ڪانه ۽ ڄڻ ته ان جي پيدا ڪيل مسئلن تي سنجيدگي ۽ گهرائي سان سوچڻ ئي اجايو آهي! ڄڻ ته سنڌين ۽ ٻين مظلوم قوميتن جي ماڻهن ۽ ٻئي عوام جي مٿان پاڪستان ۾ جيڪا هيءَ ڦرلٽ، ڦڪ ۽ بيروزگاري جي ويڌن آهي، جيڪا جيلن، ڦٽڪن ۽ مارشلائن جي مصيبت آهي اهي سڀ خيالي وهم آهن! ماڻهو ڄڻ رڳو اجائي هاءِ گهوڙا پيا ڪن! هنن جو پهريون ۽ آخري ۽ اڪيلو سياسي ڪارنامو آهي، پاڪستان جي موجوده نظام جي ناجائز ۽ ظالم هجڻ واري ان هزارين دفعا ثابت ڪيل ۽ لکين ماڻهن طرفان ڪروڙين دفعا ورجايل ڳالهه کي وري وري ورجائڻ ۽ بس! ان عالم آشڪار ڳالهه کي هو اهڙيءَ شدمد مخرج ۽ طمطراق سان، اهڙي رعب تاب ۽ آڪڙ سان، وري ورجائين ٿا ڄڻ ته ڪو اهڙو بنهه نئون سيارو يا فطرت جو ڪو قانون ڳولهي لڌو اٿن جنهن جو

هيستائن دنيا جي سائنسدانن کي وهم گمان ۾ ڪونه هو! ان ڳالهه کي ٺلهو وات مان ورجائڻ کي هو اهڙو اٿانگو ۽ جبرو تاريخي ڪارنامو ڪري ڏيکاري ظاهر ڪن ۽ اها ڳالهه ڪنهن اهڙي جنسي ٻڳهر مان شل نيو وڃن جو پانئين ته ته هڪڙي زبردست ڪوجنا واري ڪارڪسي جي ڳالهه ڪنن مان پڌڻ ڪان پوءِ سنڌي ماڻهو ٻي ڪابه ڪڇ پڇ نه ڪن. رڳو سندن هر ڳالهه تي هٿ ٻڌي "آمنا صدقنا" چوندا رهن.

ٽوڙيندا سين! ٽوڙيندا سين!

جيڪڏهن ڪين چئجي ته ته پاڪستان جي قيام جي پيدا ڪيل مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ انهيءَ تي غور ڪرڻ کپي ۽ دنيا جي انقلابي تاريخ جو مطالعو ڪري انهن مان سائنسي حل ڳولي هٿ ڪجن ته هو چون ته ته "ڇا جي دنيا، ڇا جو انقلاب ۽ ڇا جي تاريخ! پاڪستان جا مسئلا فقط پاڪستان ۾ پيدا ٿيا آهن! ٻي دنيا انهن بابت تصور به نٿي ڪري سگهي، انهن جي فقط اسان کي ڄاڻ آهي، ٻي ڪنهن کي خبر پئجي نٿي سگهي. جيڪي اسين چئون سو ڪريو!" وري جي پڇجي ته "چڱو ڀلا! ٻڌايو ته ڇا ڪريون؟" ته وري چون ٿا ته "ٻيو ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي! رڳو گهر ويٺي پيا چئو ته "ٽوڙيندا سون! ٽوڙيندا سون! پاڪستان کي ٽوڙيندا سون!" ظاهري طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِها هڪڙي حماقت جي ڳالهه آهي، بلڪ سياست ۾ حماقت جو شاهڪار آهي. پر ڳالهه ڪندا آهن تہ، هڪڙي ڀار پنهنجي ماءُ کي چيو تہ، ”امان اڄ مون ڏٺو تہ ماما بازار جي وچ ۾ چرين وانگر پٽ تي ليٽيو پيو هو ۽ ماڻهو ڪيس چريو سمجهي پٺي مٿانئس کليا.“ ماڻس، جا پنهنجي پاءُ کي چڱي طرح سڃاڻندي هئي، تنهن پٽ کي چيو تہ، ”ابا! ماماهين جي ان چرپڻ ۾ بہ ڪو مطلب هوندو! هو بہ ائين! ماس پٽ تي ڪو پئسو ڪري پيو ڏٺو هو، سو ليٽي انڪل سان پئي ان کي ڪنيائين!“ سو وڏيرن جي چرپڻ ۾ بہ مطلب آهي. ڪين خبر آهي تہ پاڪستان جهڙا مسئلا دنيا جي ٻين بي انداز ملڪن ۾ آهن. انهن مان ڪيترن ملڪن جي ماڻهن انهن مسئلن جا حل ڳولي ڪڍيا آهن. ڪين خبر آهي تہ جيڪڏهن ماڻهو پاڪستان جي نظام کي هڪڙي اڻ وٽندڙ ۽ عوام دشمن قوس سياسي حقيقت جي حيثيت ۾ چڱيءَ طرح تپاسي ۽ ان جا حقيقي ڪارڻ معلوم ڪري انهن جو صحيح علاج ڪرڻ لاءِ دنيا جي ٻين ملڪن جي تجربي جي روشني ۾ جدوجهد ڪندا تہ ڪو نہ ڪو حل نڪري ايندو. پر هو سمجهن ٿا تہ اهو حل غدارن لاءِ سياسي موت برابر هوندو. سندن طبقي جي عوام دشمن ۽ غدار وڏيرڪي طبقاتي سياست جو پانڌو ڪاڻي پوندو ۽ سندن سنڌ جي سياست تان هڪ هٿي ۽ ڊڪٽيٽرشپ ختم ٿي ويندي. عوام صحيح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وات وٺي سمورين عوام دوست قوتن سان گڏ سنڌن وڏيرا شاهي مان ۾ چونڪارو حاصل ڪندو ۽ هو جيڪي هينئر جاوا پيا ڪن سي سدائين ڪري نہ سگهندا. تنهنڪري هو پاڪستان بابت ليگين جهڙا خيالي ۽ هوائي تصور پيش ڪري ان جي مذمت ۽ مخالفت جو ڪوڙو ڍونگ رچائي، ان جا خيالي ڪارڻ ۽ هوائي علاج ڏسي ماڻهن کي ڀٽڪ تي پاچاري پڌائي، ڪين رڻ ڏانهن منهن ڏيئي، ملڪ جي مٿان پنهنجي چوڌرائپ ۽ جُمعداري قائم رکڻ گهرن ٿا.

اهو ئي سبب آهي جو "ماما" وڏيرا چريا ڪريا ڏيو پاڪستان بابت هھڙيون آسرپورڻائُون ڳالهيون ڪريو، ماڻهن کي بين الاقوامي طور سچي جيڪ ۽ آزمايل صحيح ثابت ٿيل حقيقي انقلابي وات کان روڪيو، گمراه ڪريو، سنڌ مٿو وڃايو، ڪين پنهنجي عوام دشمن وڏيرڪي، سياست جو هٿ ٺوڪيو اوزار ڪريو ڪتب پيا آڻين ۽ سنڌ جي سياست تي پنهنجي هڪ هٽي بچايو، عوام مٿان پنهنجي ڦرلٽ ۽ ظلم قائم رکيو، اٽلو مڙي سان قوم جا محسن ۽ عظيم رهبر بنيا الوليون پيا ڪن. ڇا پاڪستان واقعي رڳو هڪڙي وقتي سازش يا آسمان مان نازل ٿيل حادثي جو نتيجو آهي؟

هندستان جي مسلمان جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ سنڌن پوئلڳ وچولي طبقي طرفان عوام جي خلاف سازش برابر ڪئي ويئي هئي پر اها ڳالهہ ايڏي سولي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سادي ڪانه هئي. اها سازش هڪڙي ڏکي، پيچيدي تاريخي عمل جي فقط هڪڙي ڪڙي هئي.

وڏين سياسي اٿلن پٿلن جا ظاهري ۽ فوري سبب هڪڙا هوندا آهن ۽ انهن جا اصلي ۽ اونها تاريخي سبب پيا هوندا آهن. جيئن رندن ۽ لاشارين جي گهرو لڙاين ۽ بلوچستان ۽ سنڌ جي غلاميءَ جو ظاهري ۽ فوري سبب هڪڙي مالدار مائي تان چاڪر خان ۽ گهرام جي وچ ۾ تڪرار هو. پر اصل سبب ان کان گهڻي ڏکي عرصي وارا، جٽادار ۽ اٿڙ هيا، تيئن پاڪستان ٺهڻ سبب پيدا ٿيل صورتحال جو سبب رڳو ١٥ ـ ٢٠ سالن جي سامراجي سازش ڪانه هئي. جيڪڏهن هندستان جي هندو ۽ مسلمان ماڻهن جي وچان هزارين سالن جي تاريخ هڪڙي رت ۾ ٻاهم جي اونهي ۽ اٿاهه ڪاهي ڪوٺي نه چڙي ها. جيڪڏهن هڪڙي طرف مسلمان حاڪمن ۽ جاگيردارن هندو عوام خلاف بيانتها ظلم نه ڪيا هجن ها، جيڪڏهن ٻئي طرف هندو سرمائيدارن سنڌ جهڙن اڪثريت وارن صوبن ۾ مسلمان وڏيرن وانگر عوام جو رت نه پيتو هجي ها، جيڪڏهن مسلمان ۽ هندو جاگيردار، سرمائيدار حاڪمن مخالف مذهب جي عوام خلاف سنگين جرم ڪري، سندن دلين ۾ نفرتن جا آڙاهه نه دکايا هجن ها، جيڪڏهن ضدين کان ٻنهي ڌرين جي حاڪم طبقن ان نفرت جي اصلي سببن کي بدمعاشيءَ سان لڪائي، انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏي مذهبي رنگ ڏيئي، عوام جي ڪاوڙ کي اصل مجرمن يعني حاڪم طبقن بدران مخالف مذهب جي ابوجهه عوام ڏانهن سنهن نه ڏنو هجي ها، جي ڪلهن پورا هڪ هزار سال هندو مسلمان عوام کي هڪئي جي رت جو پياسو نه بنايو وڃي ها ته هي ته هڪڙي سامراجي ۽ رجعت پرست سازش هئي پر ههڙيون هزارين سازشون هرگز ڪامياب ٿي نه سگهن ها.

تنهن ڪان سواءِ اڄ، هن وقت، ڇا پاڪستان رڳو هڪ خواب ۽ خيالي وهم ۽ گمان آهي؟ ڇا ان جو وجود اسان جي اکين اڳيان لکين فوج، لکين سرڪاري ڪامورن، جيلن، ٿاڻن، عدالتن، ٻين سرڪاري ادارن ۽ ٻي سموري سرڪاري، سماجي، نظرياتي وغيره مشنريءَ ۽ نظام جي صورت ۾ موجود ڪونهي؟ ڇا پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پاڪستان جي سرڪاري عوام دشمن سماجي نظام جو نانگ لکين ڪروڙين ماڻهن کي روز ڪونه پيو ڏنگي؟ ڇا خود اسين سنڌي، جيڪي پنهنجي زمينن ۽ شهرن کان لوڏجي، پنهنجي حقن کان محروم ٿي، پنهنجي وطن ۾ چور ٿي، پنهنجي ئي گهر ۾ ڏاريا ٿيا ويٺا آهيون، سي پاڪستان جي سماجي نظام جي حقيقي ۽ سچي پچي ظالمائي وجود جا لکين جيئرا جاڳندا ثبوت ٿيو ڪونه پيا هلون ڦرون؟ ڇا سڄي پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جيڪي ڪجهه ٿئي پيو سو هڪ منظم عوام دشمن پاڪستاني سرڪاري مشينريءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ نام نهاد جمهوريت هجي يا سنڌين سڌي آمريت، پاڪستان جي حڪومت جي ڪرسين تي ڪو وڏيرو وهي يا سرمائيدار يا ڪو جنرل يا ڪرنل، پاڪستان سرڪار هي عوام دشمن مشينري ٤٢ ڪلاڪ عوام خلاف حرڪت ۾ رهي ٿي؟ پاڪستان هڪ ظالمانو ۽ عوام دشمن سماجي نظام ۽ سرڪار جي حيثيت ۾ هڪ ڏوس ۽ حقيقي وجود رکي ٿو جنهن سان جيڪڏهن سوچي ويچاري ٺهي ٺڪي، وڏي ساهي ڪري، مڙس ماڻهو ٿي، منهن نه ڏبو ته هن ملڪ جي ڇهن ڪروڙن ماڻهن وانگر اسان سنڌين جي حياتي به وهم جهڙي رهندي.

عوام دشمن جو پراڻو دستور آهي ته عوام سان ڪيل سنگين ڏوهن خلاف عوام ۾ جيڪو مخالف رد عمل قدرتي طور پيدا ٿيندو آهي ۽ تيئن ڪيي تنهن ڪي خود عوام خلاف هڪڙو هٿيار ڪري ڪم آڻيندا رهيا آهن. سنڌي عوام دشمن سياستباز پاڪستان جي نالي جي آڙ ۾ ڪيل ڏوهن خلاف سنڌي ماڻهن جي سخت نفرت واري رد عمل کي خود سنڌي عوام خلاف ڪتب آڻيندا رهيا آهن.

ڪين خبر آهي ته پاڪستان جي چالو سماجي نظام هيٺ عوام کي خاص ڪري سنڌي عوام کي اهڙا ڏنب ڏنا ويا آهن جو ڪوبه ماڻهو سنڌي ماڻهن وٽ ان جي بازي ۾ ڪابه اهڙي ڳالهه ڪندو جا ڏسڻ ۾ پاڪستان جي برخلاف هوندي ته سنڌي ماڻهو هڪدم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماتحت ڪونہ پيو ٿئي؟ ڇا اٿين صحيح ڏاهي تہ پاڪستان
ان کي پاڪستان جي مخالف ڳالهہ سمجهندا ۽ ان تي
وسهي ويندا ۽ ڳالهہ ڪرڻ واري ماڻهوءَ کي پنهنجو
گهٽگهرو ۽ پاڪستاني حاڪمن جي مڙهيل نظام جو
دشمن سمجهڻ لڳندا، پوءِ ڀلي ڪٿي اها ڳالهہ حقيقت
۾ پاڪستان جي چالو نظام جي مخالف نہ پر ان جي
فائدي جي هجي! ڀلي ڪٿي سنڌي ماڻهن کي گمراهہ
ڪري کين پاڪستان جي عوام دشمن حڪمران ٽولن
جي اثرائتي ۽ ڪامياب مخالفت ڪرڻ کان روڪڻ
لاءِ هجي، ڀلي پاڻ کي سنڌين جي دشمن ٻدران انڌو
سندن گهٽگهرو ۽ محسن ثابت ڪري آئيندي سدائين
سندن خانہ خراب ڪرڻ جي ٺيڪيداريءَ جا حق قائم
۽ محفوظ ڪري ڇڏڻ لاءِ هجي!

بدنيت عوام دشمن، وڏيرا پنهنجي طبقاتي مفادن
خاطر عوام کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ هڪڙي طرف چون
ٿا تہ پاڪستان نالي دنيا ۾ شيءِ آهي ئي ڪانہ تہ
ٻئي طرف وري پاڪستان جي چالو سماجي نظام سان
عوام جي جائز بيزاري ۽ ڌڪار جو ناجائز فائدو وٺي
پاڪستان بابت ڪئين ڪوڙيون ڏندڪٿائون ۽ افسانا
ڏاهيو ويٺا آهن. انهن منجهان هڪڙو من گهڙت افسانو
اهو آهي تہ پاڪستان جي صورتحال سڄي دنيا کان
نرالي آهي، پاڪستان جهڙي ڳالهہ سڄي دنيا ۾ ڪٿي
بہ ڪانهي. ان ڪري ٻي دنيا جي تاريخ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص ڪري دنيا جي انقلابي پورهيت عوام جي جدوجهدن جي تاريخ مان پاڪستان جي مسئلن جو حل ڳولهڻ اجايو آهي. پاڪستان بابت جيڪا به خبر آهي سا دنيا ۾ فقط اسان سنڌي وڏيرن سياستبازن کي آهي. ان ڪري جيڪي به ڪرڙو هوندو سو اسين ڪنداسين. ٻين جو ڪم ناهي.

ائين برابر آهي ته پاڪستان ۾ سڀ مسئلا ڪي هوبهو ٻئي ملڪ جي مسئلن جهڙا ناهن، نڪي انهن جا سمورا حل ڪي اڳوات ٺهيا ٺڪيا رکيا آهن.

هر ڳالهه ايتري جو ميلاپ آهي. هر شيءِ ۾ ايتري خاصيتون هونديون آهن. اهو خاص توڙي عام خاصيتن جو ميلاپ هوندو آهي يعني هر مسئلي ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون هونديون آهن، جن جهڙيون ڳالهيون ٻين اهڙي قسم جي مسئلن ۾ نه هونديون آهن. انهن خاص ڳالهين کي ان مسئلي جو خاص پاسو سڏبو آهي. پر ڪو مسئلو سڄي جو سڄو خاص ڳالهين مان ٺهيل ٺي نٿو سگهي. ڪنهن به شيءِ ۾ سڀ جون سڀ ڳالهيون اهڙيون ٺي نه ٿيون سگهن، جي رڳو ان خاص شيءِ ۾ هجن ۽ ٻئي ڪنهن اهڙي قسم جي شيءِ ۾ هجن ئي نه. تنهن کان سواءِ شين ۽ ڳالهين جي ظاهري صورت ۽ اندرين حالتن ۾ به وڏو تضاد هوندو آهي، پوئتي پيل ملڪن جي سماجي حالتن ۾ ظاهري فرق تمام گهڻا ڏسبا آهن پر حقيقت ۾ ڳالهين جي تهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ وڏيو تہ انهن ۾ گھٽيون ڳالهيون، بنيادي طرح هڪجهڙيون هونديون آهن ۽ فرق جيترا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، حقيقت ۾ انهن کان گھٽو گھٽ ۽ گھٽو سطحي ۽ ظاهري هوندا آهن.

اسان جا ڪي سنڌي سياستباز پاڪستان جي صورتحال جي ڪن ظاهري طرح خاص ڳالهين جو ذڪر ڪندي اهڙا وڏيو واڪا ڪن، ڄڻ تہ نيوٽن ۽ آئنسٽائين کان بہ ڪا وڏي ايجاد ڪئي اٿن! اچو تہ جاچ وٺون تہ ڇا پاڪستان جا مسئلا واقعي سڄي جڳ کان نرالا آهن؟ ڇا دنيا جي ٻين ملڪن جي قومن کي اڳ اهڙا مسئلا درپيش ڪونہ آيا آهن ۽ انهن جا حل ڳولي ڪونہ لڌا ويا آهن؟ ڇا دنيا جي انقلابي تجربي جي حڪمت خاني ۾ اسان جهڙن دردن جون ڪي بہ آزمايل ۽ ڪارائتيون دوائون ۽ علاج ڪونهن؟ ڇا اڄوڪي طوفاني انقلابي دور جي ڏاهپ جي خزاني ۾ اهڙا ڪي بہ عقل، ڏاهپ، حرفت ۽ ڪاريگري جا اسلهہ ماڻڪ ڪونهن جي اسان جي علمي ۽ عملي اڻهوند کي ختم ڪري اسان کي انقلابي سرت ۽ سمجهہ سان مالا مال ڪري ڇڏين؟

اچو تہ جاچ ڪريون. اچو تہ هڪ هڪ ڪري ڪن اهڙن مکيہ مسئلن کي کڻون جن لاءِ وڏيرا سياستباز جيڪي هڪڙي زبان سان چون ٿا تہ پاڪستان جو وجود ئي ڪونهي، سي ٻيءَ زبان سان چون ٿا تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان جي هنن مسئلن جهڙو ارو مسئلو نه دنيا ۾ ٿيو نه ٿيندو. انهن جي حقيقت پڇڻي اٿو ته رڳو اسان کان پڇو.

آئين ناهي ته اهي مسئلا اهم ناهن! نه! اهي مسئلا تمام اهم آهن. اهي مسئلا ظلم ۽ زبردستي ۽ سازش جو نتيجو آهن. انهن ڳالهين کي هرگز هرگز برداشت ڪرڻو ناهي. سائن مرڻ ۽ جيئڻ جو مقابلو ڪرڻو آهي. پر آئين فقط تڏهن ڪري سگهبو جڏهن اها ڳالهه سمجهبي ته اهي مسئلا آسمان مان ڪونه ڪريا آهن، پر تاريخ جو ورثو آهن. اهي رڳو هن ملڪ ۾ ناهن پر سڄي دنيا جي سماجي صورتحال جا حصا آهن.

مثال طور ڇا جمهوريت جو قتل ۽ سول ۽ فوجي ڊڪٽيٽرشپ فقط پاڪستان ۾ آهن؟ ڇا سامراج جا ڇاڙتا فقط پاڪستان ۾ ٿي ليندا؟ ڇا سعودي عرب، ٻين عرب رياستن، سوڊان، مراڪش، تيونس، اردن وغيره، برما، ارجنٽائين، برازيل، ڪولمبيا، ملائيشيا، فلپين، ڏکڻ ڪوريا، سنگاپور، ترڪي ۽ ٻين اڪيچار ملڪن بلڪ دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ سامراج جون ڇاڙتيون ۽ جمهوريت جون قاتل سول ۽ ڊڪٽيٽرشپون ناهن؟ ڇا اتي اهڙا ساڳيا ۽ انهن کان بدتر وحشي ظلم ڪونه پيا ٿين؟

ڇا بک، بيروزگاري، جهالت، بيماري، انڌيرنگري چرپٽ راجا، 'جيڪو ڏاڍو سو ڳابو'؛ اهو حال فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ۾ آهي، بي سڄي دنيا ۾ ڪٿي به ڪونهي؟ ڇا آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي اڪثر ملڪن جو عوام انهن اونداهين ۾ نٿو رهي؟ ڇا دنيا جي ملڪن جي وڏي اڪثريت ۾ ٻار ڄمندي يا ٻالپڻ ۾ نٿا مرن؟ ڇا اتي ماڻهو، ماڻهوءَ جو غلام ناهي؟ ڇا اتي به ٻار ۽ عورتون ڏورن جهڙيون حياتيون نٿا گهارين؟ ڇا اتي به وحشي، طبقاتي، قومي ۽ نسلي ظلم ۽ ڏاڍ جو دؤر جاري نه آهي؟ ڇا ننڍين قومن سان ظلم فقط پاڪستان ۾ ٿئي ٿو؟ ٻي سڄي دنيا جون ننڍيون قومون ۽ اقليتون پينگهي ۾ پيون لڏن؟ اسرائيل، ايران، هندستان، اتر آئرلينڊ، فلپائين، ملايا ۽ ٻين صوبن ۽ ملڪن ۾ ننڍين قومن ۽ اقليتن سان پاڪستان جي ننڍين قومن کان گهٽ عقوبتون ڏين ٿيون؟ ڇا پاڪستان دنيا ۾ اڪيلو ملڪ آهي جتي مذهب کي هٿيار ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو ۽ ان جي آڙ ۾ غريب عوام خاص ڪري ننڍين قومن ۽ اقليتن کي آزاريو ۽ پيڙيو ۽ غلام ڪري هلايو وڃي ٿو؟ ڇا اتر آئرلينڊ ۾ پروٽسٽنٽ مذهب جي آڙ ۾ ڪيٿولڪ فرقي وارن کي روز ڪونه پيا ڪُهن؟ ڇا قبرص ۾ ترڪن ۽ يونانين جي وچ ۾، بيروت ۾ مسلمانن ۽ عيسائين وچ ۾، ايران ۽ عراق ۾ سنين ۽ شيعن وچ ۾، ڀارت ۾ سکن ۽ هندن ۽ مسلمانن ۽ هريجنن جي وچ ۾، نائجيريا ۾ مسلمانن ۽ عيسائين ۽ لامذهبين جي وچ ۾ مذهب جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوني تلوار هتان ڪان گهٽ ڪيس ڪيا آهن؟ ڇا مرڪز جي مصيبت فقط پاڪستان ۾ آهي؟

ايران، برما، فلپائين، ايٿوپيا، ڪئناڊا ۽ خود هندستان ۾ پڻ سوين ملڪن ۾ نامنهاد علحدگي پسندن خلاف ڪات ڪهاڙا ڪونہ کنيا ويندا رهيا آهن.

ٿوري دير لاءِ اهو تہ فرض ڪريون تہ پاڪستان ڪا آسمان مان نازل ٿيل اور چيز آهي جنهن جهڙي چيز نہ دنيا اڳ ڏٺي نہ هاڻ ڏسندي. هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ان اور شيءِ جي مسئلن کي ڪيئن ۽ ڪهڙي رستي سنهن ڏجي؟

اسان جا بنگلا ديش نامنظور! ٽائيپ سياستدان ارشاد ٿا فرمائين تہ ”مسئلو وري ڪهڙو؟ مسئلو ڪوبہ ڪونهي! اسين پاڪستان کي تسليم ئي نہ ٿا ڪريون!

”اسين اعلان ٿا ڪريون تہ اسين ان کي ٽوڙي ڇڏينداسون!“ فرض ڪريو تہ پاڻ اهو ارشاد عالي ڇمي اکين تي ٿا رکون ۽ پوءِ ”ٺيڪ آهي پاڪستان نامنظور ڪرڻ ۽ ان کي ٽوڙڻ جو اعلان بہ ڪيوسين، هاڻ؟ اڳتي ڇا ڪجي؟“ ”بس ڪوشش ڪجي!“ ڪهڙي؟ ڪيئن؟ ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪجي. هيترين مخالف قوتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙين ڪهڙين قوتن تي دارومدار رکجي، ڪهڙن کي دائمي اتحادي ۽ ڪهڙن کي وقتي ۽ شرطي اتحادي بنائجي، ڪهڙن جي مخالفت کي ٽڏو ۽ مٺو ڪجي، دشمن جي ڪهڙن

تضادن جو فائدو وٺي منجهس قوت وجهجي. ان لاءِ کهڙيون تدبيرون ۽ پاليسيون اختيار ڪجن؟ انهن سوالن جي جوابن مان هتي وت هڪڙو به ڪونهي. هتي سڀني سوالن جو فقط هڪڙو وات جو نڪاءُ آهي ته "پاڪستان کي ٽوڙينداسين!" سندن سياست ۽ سياسي حڪمت عملي جي ڪل ڪائنات اهو وات جو نڪاءُ آهي. هتي جي ليکي جڏهن پاڪستان کي خراب ثابت ڪري، ان کي نامنظور ڪري ۽ ان کي ٽوڙڻ جو اعلان ڪري، پاڻ تان سمورا بار لاهي ڇڏيا آهن. باقي ڪم رهيو ڪهڙو آهي جو ڪانئن پيڇجي ته اهو ڪير ڪندو! پاڪستان سازش جو نتيجو ثابت ٿي ويو. نامنظور به ٿي ويو، سندس ٽوڙڻ جو اعلان به ٿي ويو، هاڻ باقي پاڪستان ۾ رهيو ڇا آهي جنهن جو فڪر ڪجي ۽ ان لاءِ ايڏو سٽي ۾ سور وجهجي؟

پر پاڪستان کي تسليم نه ڪرڻ جي اعلان ڪرڻ سان، ڇا واقعي پاڪستان جو مسئلو حل ٿي ويو؟ ڇا اڻوڻندڙ شين، ڳالهين يا حقيقتن کي منهن ڏيڻ واقعي ايترو ئي آسان آهي جو رڳو انهن کي ناجائز سڏي کين تسليم نه ڪرڻ ۽ کين ختم ڪرڻ جي اعلان ڪرڻ سان اهي اڻين گم ٿي وينديون جيئن ڪيئون جا مٿيان ڏند؟ ڪجهه سال اڳ آمريڪا جو اعلان مٿان اعلان پئي، آيو ته 'نئين چين جي حڪومت ناجائز آهي. اسين ان کي تسليم نٿا ڪريون ۽ ان کي ختم

ڪرائيندا هئا. پوءِ ڇا نئين چين جي سرڪار واقعي غائب ٿي ويئي ۽ آمريڪا لاءِ چين جو اڻوڻندڙ مسئلو حل ٿي ويو؟ ان کان سواءِ آمريڪا جي چوڻ تي اقوام متحده به نئين چين جي حڪومت کي تسليم نٿي ڪيو ۽ چيائين پئي ته ”چين جي اصل سرڪار تائيوان جي ٻيٽ ۾ وڃي ويٺي آهي. اسين ان کي تسليم ٿا ڪريون.“ ڇا پوءِ واقعي چيانگ ڪائي شيڪ جي، حڪومت آمريڪا ۽ اقوام متحده جي هٿان تسليم ٿيڻ جي ڪري چين جي اصلي حڪومت ٿي پيئي ۽ پيڪنگ واري حڪومت غائب ٿي ويئي. اهڙيءَ طرح ڪالهوڪي ڪالهه جماعت اسلامي ۽ ٻين رجعت پرست پارٽين، حڪومت پاڪستان ۽ دنيا جي ٻين حڪومتن اعلان پئي ڪيا ته ”بنگلا ديش جي حڪومت ناجائز آهي اسين ان کي تسليم نٿا ڪريون!“. جماعت اسلامي وارن بنگلا ديش نامنظور! جي رانديڪن سان آسمان مٿي تي کڻي ڇڏيو هو پوءِ ڇا واقعي بنگلا ديش ختم ٿي ويو ۽ رجعت پرستن جو مسئلو حل ٿي ويو؟

چوندا آهن ته ”اهڙا جي تيل سهانگا هئا ته جيڪر گدڙ به پيچ مکين ها.“ جي مسئلن جا حل اهڙا سولا آهن جو رڳو ڪنهن کي تسليم نه ڪرڻ ۽ ختم ڪرڻ جي اعلان سان ئي اهي ختم ٿي ويندا ته جيڪر ماڻهو ۽ قومون پنهنجي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هيترا ڪشالا ڇو ڪاڙهين، پنهنجون زندگيون ڇو گهارين، سر ترين تي

ڇو رکن، پنھنجا پڇا ڇو کھائين، آگ ۽ خون جي دريائن کي ڇو جھاڳين، سورين تي ڇو ٽنگجن ۽ ڪڙاھين ۾ ڇو ڪڙھن؟ پوءِ ته رڳو تسليم نه ڪرڻ ۽ ٺوڙڻ جو اعلان ڇڻ ھڪڙو طلسم ٿيا. اسم اعظم جي وڃي. جيڪا ڳالھه نه وٺي، تنھن لاءِ ”تسليم نه ڪرڻ ۽ ٺوڙڻ“ جو اعلان ڪري پوءِ پاڻھن سري کي ڏيئي وڃي سمھي رھجي ۽ صبح جو اٿجي ته اٿونڊڙ شيءِ جو ٺالو نشان نه لڀي! جي سچ پڇ ائين ٿجي ھا ته پوءِ ڇانبو ته روسي، چيني، الجزائري، ايراني ۽ ٻيا اھڙا ماڻھو وڏا ڪي ڀوڪ ھئا جو ھرو ڀرو معمولي سمجھه به نه ھڻڻ ڪري پاڻ کي ڏسي وائسي ڪٺي دوزخ ۾ اڇلايائون ۽ پنھنجا ھيترا لک ڪروڙ ماڻھو ھٿي مارائي رکيائون. حالانڪ دير فقط ھيتري ھئي جو روسي اعلان ڪن ھا ته، ”اسين ھٽلر کي تسليم ٿا ڪريون، جرمن کي ٺوڙينداسون!“ چيني چون ھا ته ”اسين چيانگ ڪائي شيڪ ۽ جپان کي تسليم ٿا ڪريون“ ۽ اعلان ڪن ھا ته، ”ٺوڙينداسون، ٺوڙينداسون! جپان کي ٺوڙينداسون!“

الجزائري فرينچن کي، ايراني شھنشاه ايران ۽ آمريڪا کي، تسليم نه ڪرڻ ۽ ٺوڙڻ جا اعلان ڪري، پوءِ ماٺ ڪري وڃي رلي مٿان ڪري سمھي رھن ھا ۽ اک ڇنڀ ۾ ھٽلر، چيانگ ڪائي شيڪ، شھنشاه ايران جھڙا بدمعاش حڪم ختم ٿي وڃن ھا ۽ جپان، فرانس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جرمني جهڙا سامراجي ملڪ ٽٽي تباهه ٿي ويا ها!

اهو نسخو رڳو ايستائين محدود نه هجي ها پر مصيبتن لاءِ به اعا اسم اعظم جي ڦيٽي جو ڪم ڏئي ها.

مثال طور: ڪنهن ماڻهو کي ڪٿي ڪهڙو به مرض وڪوڙي وڃي ته ڊاڪٽرن وٽ ڌڪا جهاڻ، خرچ ڪرڻ، سيون هڻائڻ، ڪوڙيون دوائون کائڻ بدران بس اهو ئي هڪڙو اڪسير نسخو ڪافي ٿئي ها ته بيمار اعلان ڪري ته "آءٌ ٽي. بي. جي بيماري کي تسليم نٿو ڪريان ۽ ان کي ٽوڙڻ جو اعلان ٿو ڪريان." اهڙا به صحت جي ڀلي لاءِ ڪٿي هڪ ڀي اکر به چئي ڇڏي، "ختم ڪندس! ختم ڪندس! ٽي. بي. کي ختم ڪندس!" جڏهن ٽي. بي جو مرض ڏسندو ته مون کي تسليم ئي نه ٿو ڪيو وڃي ۽ الٽو مون کي ختم ڪرڻ جو اعلان به ٿي ويو آهي ته اهو ازخود پنهنجو لڪائي اٿي ڀڄندو ۽ بيمار اک ڇنڀ ۾ نوبنو ٿي ٽپو ڏئي اٿي کڙو ٿيندو! کيل ختم پئسا هضم! پوءِ بک، بيروزگاري، عشق ۾ ناڪامي، پوڙه، وبا، جنگ، زلزلي، طوفان، مطلب ته دنيا ۾ ڪهڙي مشڪل آهي جنهن کي تسليم نه ڪرڻ ۽ ٽوڙڻ جي ان طلسمي نسخي سان ختم نه ڪري سگهبو.

اهڙن ڪنهن مسئلي منهن ئي نه ڪڍيو آهي ته پويان ڏڪاءُ ڪرائجيس تسليم نه ڪرڻ ۽ کيس ختم ڪرڻ جو اعلان! پوءِ ڇڻ نه تو ڏڏو نه مون ڏڏو،

الائي ڪيڏانهن جو هو، ڪيڏانهن هليو ويو.

دنيا ۾ عقلمندي توڙي بيوقوفي جي ڳالهين جو ڇيهه ئي ڪونهي. پر جيڪڏهن سچي دنيا ۾ وڏي ۾ وڏين هوائي ڳالهين تي ڪو نوبل پرائيز جهڙو بين الاقوامي انعام رکيل هجي ها ته جيڪر مسئلن کي تسليم نه ڪرڻ ذريعي حل ڪرڻ واري ڳالهه ضرور اهو انعام کٽي ها.

اچو ته اهو به ڏسي وٺون ته پاڪستان کي تسليم نه ڪرڻ جو عملي نتيجو ڪهڙو ٿو نڪري ۽ اها به جاچ ڪريون ته اسان جا تسليم نه ڪندڙ پهلوان واقعي پاڪستان کي عملي طرح تسليم نه ٿا ڪن يا رڳو زباني جمع خرچ ٿا ڪن.

هاڻ اچو ته ڏسون ته پاڪستان کي تسليم نه ڪرڻ واري ماڻهوءَ کي ڪهڙين ڳالهين کي تسليم نه ڪري سندن بائيڪاٽ ڪرڻو آهي ۽ اچو ته ڏسون ته آيا اهي پهلوان واقعي ان جو بائيڪاٽ ڪن ٿا يا نه. ٽپال جو انتظام پاڪستان سرڪار ٿي ڪري، پاڪستان سرڪار جي جاري ڪيل ٽپال جي لفافن ۽ ٽپال جي انتظام کي ڪتب آڻڻ، پاڪستان کي تسليم ڪرڻ آهي. ان ڪري پاڪستان ۾ خط پٽ ٽپال رستي موڪلڻ ناجائز ٿيو. ساڳي حالت ريلوي جي آهي جو ان جو انتظام به پاڪستان سرڪار جي هٿ ۾ آهي. ان ڪري ريل ۾ چڙهڻو ڪونهي. عدالتن قائم ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو قانون به گهٽي ياگي پاڪستان جي فيڊرل قانون ساز
ادارن جو بحال ڪيل آهي. ان ڪري ڪورٽن ۾
وڃڻ به جائز نه ٿيو. هوائي جهاز به مرڪز جو
نيم سرڪاري ادارو آهي. هوائي جهاز ۾ چڙهڻ به جائز
نه ٿيو. چونڊون پاڪستان سرڪار ڪرائيندي آهي
تنهنڪري اليڪشن ۾ ووٽ ڏيڻ ۽ اميدوار ٿيڻ ۽ پارليامينٽ
جو ميمبر ٿيڻ ناجائز ٿيو. ريڊيو پاڪستان کي ٽيڪس
ڏيڻ وغيره کان وڌيڪ پاڪستان کي تسليم ڪرڻ
جو بيو اثرائتو طريقو ڪونهي، ان ڪري جن به ڳالهين
ڪري پاڪستان کي ٽيڪس پري ڪيس ان حد تائين
تسليم ڪرڻو پوي ٿو ڳالهيون به ڪرڻيون ناهن.
ان ڪري ريڊيو، ٽيليفون، جن جي ليسن جي في ۽
بل جي رقم پاڪستان سرڪار کي ملڻي آهي اهي به
استعمال ڪرڻا ناهن. پاسپورٽ به پاڪستان سرڪار ڏني
ٿي تنهنڪري اهي وٺي ملڪ کان ٻاهر سفر به ڪرڻو
ڪونهي. ڪيسن ۾ ضامن به پوڻو ڪونهي، ڇو ته
ضمانت جو بانڊ حڪومت پاڪستان جي نالي سان پرجي
ٿو. هي ڪنهن ڪوڙي ڪيس ۾ اڙجي پئجي ته
ڪورٽ ۾ پنهنجو بچاءُ ڪرڻو ناهي ڇو ته اڪثر
هر ڪيس ۾ هڪ ڌر هوندي آهي حڪومت پاڪستان،
هاءِ ڪورٽ ۾ آئيني رٽ به نه وجهبي ڇو ته آئين
پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ ٺاهيو آهي ۽ اهو آئين
پاڪستان جو آئين سڏجي ٿو. جيترقدر ڪامورن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعلق آهي ته صوبن جا عملدار به پس پيش پاڪستان جي مرڪزي آئين ۽ قانون مطابق ئي مقرر هوندا آهن. خود صوبائي گورنر، جنهن جي نالي ۾ سمورا صوبائي حڪم جاري ٿيندا آهن سو به مرڪز جو مقرر ڪيل هوندو آهي. اهو ئي سمورن صوبائي ڪامورن کي مقرر ڪري ٿو. ان ڪري ڪنهن به سرڪاري ڪاموري کي ڪابه دانهن ڪورٽ ڏيڻ يا ڪانئس ڪو به ڪم ڪار وٺڻ معنيٰ ڪيس مقرر ڪرڻ واريءَ اختياريءَ يا ان اختياريءَ کي مقرر ڪرڻ واري اختياري يعني حڪومت پاڪستان کي تسليم ڪرڻ. ان ڪري ڪنهن به ڪاموري سان ڪو به واسطو رکڻ جائز نه آهي.

ڇا اسان جا پهلوان انهن ڳالهين کي تسليم ٿا ڪن ۽ سندن بائيڪاٽ ڪن ٿا؟ هرگز نه! هو انهن سان ڪنهن به ڳالهه کي پاڻ کان محروم ٿا ڪن.

سنڌي وڏيرا شاهي سدائين پنهنجي پڄت، لياقت ۽ حوصلي آهر سڄي هندستان ۽ پاڪستان جي سياست ڪندي رهي آهي. اڪثر ڪلهوڙا ۽ مير سدائين دهليءَ، قنڌار يا ڪابل جي شهنشاهن کي ڏن ڏيندا ۽ سندن فرمانبرداريءَ ۽ تابعداريءَ جا حق ادا ڪندا رهيا آهن. انگريزن جي ڏينهن ۾ وڏيرن انگريز پرستيءَ ۾ دهلئون ۽ لنڊنون پيٽي لقب القاب ورتا.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي وڏيرا زورشور سان پاڪستاني سياست ڪندا رهيا آهن ۽ هر چڙهيل

پاڪستاني پارٽيءَ ۾ وزارت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڊوڙون پائيندا رهيا آهن. لڳي پئي پيو ته به ڪنهن پاڪستاني حاڪم کي شڪار ڪرڻ لاءِ واجهه وجهندا رهيا آهن. اڄ ڪو به اهڙو سياستدان سنڌ ۾ موجود ڪونهي جيڪو سڌيءَ نوڙي اڻ سڌيءَ طرح عملي طرح پاڪستان جي سياست ۾ حصو نه وٺندو هجي.

مطلب ته خالص سنڌي سياست، خالص پشتون سياست ۽ خالص بلوچ سياست فقط وڏيرن، خانن ۽ سردارن جون ڦاهيل لفظي ڪوڙڪيون آهن، جن ۾ هو پنهنجي عوام ۽ اپوجهه ڪارڪنن کي ڦاسايو ڇڏين ٿا ۽ پاڻ اهـا ملڪ گير ۽ عالمي سياست ٿا ڪن. جيڪا سندن طبقاتي مفادن لاءِ فائديمند هوندي آهي.

ملڪ جي پنجن قومن جي حاڪم طبقن وانگر سنڌي وڏيرا شاهيءَ به صوبائي، قومي ۽ ملڪي سياست تـي پنهنجي هڪ هٽي ڄمائي ڇڏي آهي. اسلام ۽ پاڪستان جي نيڪي سان گڏ ترقي پسندي، سوشلزم، سنڌ، سنڌيت ۽ قوم پرستيءَ جو ٺيڪو به هوءَ پاڻ ڪنيو ويٺي آهي ۽ اهڙي ريت وتائي فقير جي ڳالهه وانگر هر ڳالهه ۾ عوام جو اڳ جهليو ويٺي آهي.

عوام دشمن وڏيرن کي عوام کي فريب ڏيڻ جو صدين جو تجربو آهي. هو هزارين اختلافن ۽ دشمنين جي باوجود عوام خلاف پاڻ ۾ هر گهڙيءَ هٿ آهن. هنن عوام کي گمراه ڪرڻ جا ڪم پاڻ ۾ ورهائي

ڪنيا آهن ۽ ظاهري طرح هرڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ائين پريو ٿوڪيو وينو آهي ڄڻ هڪٻئي کي سڃاڻن به نٿا. ڪي ڏسو ته اسلام ۽ پاڪستان جو ٺيڪو کنيو ويٺا آهن ته ڪي وري ترقي پسندي ۽ جمهوريت جو ٺيڪو کنيو ويٺا آهن هيڏانهن ڏسو ته هڪڙو اسلامي سوشلزم جو علمبردار ٿيو ويٺو آهي ته هوڏانهن ڏسو ته پيو سنڌ، سنڌيت ۽ قومپرستيءَ جو جهنڊو هڻيو وينو آهي، پر دنيا ڏٺو ته اهي ظاهري طرح ڌار ڌار ۽ هڪٻئي کان پري وڏيرا ڪيئن ضرورت پوڻ تي هڪدم سنڌي عوام خلاف پاڻ ۾ مڙيو مٺ ٿيو وڃن. مطلب ته سنڌي وڏيرا سنڌي عوام جون واهون چوطرف بند ڪريو، پنهنجي وطن دشمن، عوام دشمن سياست تي وڏي ديده دليريءَ سان "سنڌي سياست" جو ٺپو هڻيو، عوام کي منجهايو، برغلايو، ڏوهاري بنايو، بالم ٿيا ويٺا موجون مائين.

سنڌن ظاهري، نظرياتي ۽ سياسي روپ بهروپ سنڌس خود پرست ۽ طبقي پرست سياست جا ڏيکارڻ وارا ڏند آهن ۽ سندن حقيقي ۽ عملي، ڳجهي سياست ان عوام دشمن سياست جا کائڻ وارا اصلي ڏند آهن.

وڏيرڪي سياست بازيءَ کي سنڌي عام ماڻهن سان دپ آهي ته جيڪڏهن هو پنهنجي سنڌي توڙي غيرسنڌي، ميڪاني توڙي ڌارين دشمن جو گهيرو ٽوڙي صوبائي سياست سان گڏ ملڪگير ۽ عالمي سياست ۾ به گهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندا ته هو ڪنهن نه ڪنهن منزل تي سنڌي وڏيرن جي سياسي بالادستي ۽ هٺ هٺي نوڙي رکندا ۽ اسان ڏانهن پوء ڪير لوٽو به ڪونه هٿندو، تنهنڪري جيئن عام پير ۽ ملان پاڻ پنهنجو ۽ پنهنجي عيال جو علاج بهترين ڊاڪٽر کان ڪرائيندا آهن پر عام ماڻهن کي چوندا آهن ته اسان جي پليتن ۽ تعويذن کان سواء ٻيو ڪو به علاج ڪرايو اٿو ته تباه ٿي ويندا، تيئن وڏيرڪي سياستبازي چاهي ٿي ته اسين وڏيرا، خان، سردار، سرمائيدار صوبائي ۽ ملڪي ته ڇا عالمي سياست ڪريون باقي عام سنڌي ماڻهو پنهنجي ڳوٺ جي وڏيري جي پيچ ۾ لٽڪي ۽ سندن اشارن تي نچڻ واري سياست جي ڳنڍڙ واري ڏر ۾ ٿي پيا هجن ۽ ڪڏهن به انهيءَ مان ٻاهر نه نڪرن.

عام سنڌي ماڻهن جي ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ تي بندش وجهڻ جو اصل ڪارڻ اهو ٿي آهي ته سياست تي وڏيرڪي، سرمائيداري ۽ سامراجي هٺ هٺي سلامت رکجي ۽ عوام کي ان سياست مان بيدخل ۽ تاڙڪ رکجي. سنڌي ماڻهن جي ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ تي بندش جي ڳالهه کي سنڌ جون دشمن ڌريون به غيبي امداد سمجهي سنڌي ماڻهن خلاف سياسي هٿيار طور ڪم آڻي رهيون آهن. سنڌ دشمن نقلي ترقي پسندن جي شروع کان وٺي سازش ٿي اها آهي ته جيئن سنڌي ماڻهو هيترين سارين سياسي ۽ ٻين ڳالهين کان محروم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ تڙيل آهي تيئن سڄي ملڪ جي ملڪگير سياست جنهن جي وسيلي سڄي ملڪ ۽ خاص ڪري ان ۾ رهندڙ مختلف قومن جي قسمت جا فيصلا ڪيا وڃن ٿا، تنهن ڪان به هو سدائين محروم ۽ تاڙڪ رهن ۽ ان سياست تي سندن موجوده هڪ هٽي قائم رهي پوءِ چاهي اهي سنڌ دشمن رجعت پرست هجن يا ترقي پسند پر هجن ضرور سنڌ دشمن يا انهن جا پاليل سڏائي چاڙتا، پيا آهن سنڌ جي انقلابي سياست جي صفن ۾ لڪي ويٺل موقعي پرست، ابن الوقت ۽ غدار عنصر جيڪي هونئن وڏيرڪي سياست جي هر ڳالهه کي رد ۽ باطل ٺهرائن ٿا پر پنهنجي پٽڪڙي موقعي پرست، ٽوليباز سياست جي خسيس مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ پلئه ڪائي، هن سنڌ دشمن وڏيرڪي زهريلي ڳالهه کي قرآن جي آيت بنائي رات ڏينهن ان جو ورد ۽ وظيفو پيا ڪن. ڪئهن عظيم ترين مقصد لاءِ سوريءَ تي چڙهڻ جي تياري ڪندڙ ڪنهن سورمي جني، شهادت جي جذبي سان لبريز آواز ۾، ۽ زبردست داد طلب لهجي ۾، هو هرڪنهن کي ٻڌائيندا وتن. ”ادا! اسان جو پاڪستان جي سياست ۾ ڇا وڃي؟ پاڻ ته يار غريب پورهيت سنڌي ماڻهو آهيون! پاڻ خالص سنڌ جي سياست ڪندا سون!“

پاڪستان جن مسئلن کي جنم ڏنو آهي انهن جا لازمي طرح ڪي خاص پاسا ۽ ڪي خاص حقيقتون

آهن. انهن ۾ اهڙيون ڳالهيون، حقيقتون ۽ سچائون ضرور آهن جي ٻئي ڪنهن اهڙي قسم جي مسئلي ۾ ناهن ۽ فقط هتي آهن. پر ڪن خاص تفصيلن جي فرقن کي ڇڏيو ته معلوم ٿيندو ته پاڪستان جي سوال سان واسطو رکندڙ ڪيتريون ڳالهيون بنيادي طرح انهن عام ڳالهين منجهان آهن جيڪي اڄ عالمي سامراج جي غلام دنيا ۾ عام آهن. قومي ظلم، تشدد، تعصب، مذهب جو ناجائز زهريلو ۽ قاتلانه استعمال، مرڪزيت، ڊڪٽيٽرشپ ۽ فوجي آمريت، رجعت پرستي، سامراج پرستي، بک، بيروزگاري، پستي، غربت، لاقانونيت، غنڊه گردي ۽ ڦرلٽ ۽ سامراجي سازش دنيا جي اربين عوام کي گڏيل تاريخي طور مليل ڪوڙهه جو ورثو آهي.

آخري چنڊڇاڻ ڪبي ته معلوم ٿيندو ته هر قوم ۾ بنيادي طرح سياست هڪ طبقاتي عمل آهي. هر طبقي جي صوبائي، ملڪي ۽ عالمي سياست پنهنجي پنهنجي آهي.

سنڌي وڏيرا شاهي جي فائدي جي صوبائي، ملڪي ۽ عالمي سياست هڪڙي آهي ۽ سنڌي عوام جي فائدي جي صوبائي، ملڪي ۽ عالمي سياست ٻي آهي ۽ ان جي بنهه ابتڙ آهي. جيئن نام نهاد ”خالص سنڌي سياست“ سنڌي وڏيرن جي عوام دشمن سياست آهي تيئن نام نهاد ”خالص پاڪستاني سياست“ وري ملڪ جي بالادست قوم، ٻولي جي رجعت پرست ۽ عوام دشمن سياست آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي ريت ”سنڌي“ توڙي ”پاڪستاني“ سياست جا ڪئين قسم آهن:

هڪڙي سنڌي سياست تہ اها نامنهاد سياست آهي جنهن کي وڏيرا شاهي سنڌي سياست سڏي ٿي. ٻي اها عوامي ۽ انقلابي سنڌي سياست آهي جنهن کي سنڌي عوام سنڌي سياست ليکي سگهن ٿا. ساڳي طرح پاڪستاني سياست بہ هڪڙي اها نامنهاد پاڪستاني سياست آهي جنهن کي پاڪستان جا حاڪم طبقا پاڪستاني سياست سڏين ٿا. ٻي اها انقلابي عوامي سياست آهي جنهن کي سڄي ملڪ جي سمورين قومن جا عوام ملڪي سياست سڏي سگهن ٿا.

سنڌ ۽ پاڪستان جي هر قسم جي سياستن ۾ هڪٻئي سان ڪڏ فرق ۽ تضاد بہ آهن. اهي مختلف قسمن جا فرق ۽ تضاد آهن. هڪڙا فرق ۽ تضاد تہ جاگرافيائي آهن. سنڌ جي ڪهڙي بہ سياست هڪ حد تائين گهٽي ياڳي هڪ صوبي اندر هوندي ۽ پاڪستان جي هر قسم جي سياست هڪ حد تائين گهٽي ياڳي سيني صوبن تائين ڦهليل هوندي. وڏيرڪي ”سنڌ جي سياست“، جو مرڪز جي حاڪم ٽولي جي نامنهاد ”پاڪستاني سياست“ سان جيتوڻيڪ بنيادي طرح سازباز آهي ۽ ان جي ماتحت ڪم ڪري ٿي تہ بہ ان جو پنهنجي آقائن جي سياست سان سنڌي ماڻهن جي دولت بان حاصل ڪيل مال جي ڪجهہ ڀتي وڌائي وٺڻ

تان، ڪجھہ تابعدار قسم جا، تماشا ۽ نهٺا اختلاف بہ آهن. اهي اختلاف سدائين ٿوري ريڙهہ پيڙهہ، ٿوري اک ڏيکارڻ ۽ ٿورڙو سنڌي عوام ۽ انقلاب جو ڏپ ڏيارڻ سان وقت بہ وقت حل ٿيندا رهندا آهن.

ٻي قسم جي سنڌي سياست آهي سنڌي عوام جي پنهنجي مفادن ۽ ٻوڇ جي هاٺوڪي سطح جي اٿپوري ۽ سطحي ڄاڻ ۽ سمجهہ تي ٻڌل سياست. ان جي ۽ پاڪستاني آقائن جي نام نهاد پاڪستاني سياست جي وچ بہ ڪافي تضاد آهن.

ٽئين قسم جي سنڌي سياست اها آهي جيڪا سنڌي عوام جي انقلابي پورهيت وطن دوست دستي طرفان عالمي انقلابي نظريي، تجربي ۽ صورتحال جي روشنيءَ ۾ هلائي پئي وڃي ۽ جيڪا سنڌي عوام جي بنيادي ۽ دائمي مفادن، مقصدن ۽ ٻوڇ جي ڀرپور ۽ اونهي ڄاڻ ۽ سمجهہ تي ٻڌل آهي. ملڪي سياست جا بہ ڪئين قسم آهن. هڪڙي ملڪي سياست آهي، پاڪستان جي حاڪم ٽولن جي چالو مهاپاڪستاني رجعت پرست ملڪي سياست، ٻي ملڪي سياست آهي نقلي ترقي پسند ملڪي سياست، ٽي آهي عام قسم جي ترقي پسند ملڪي سياست، جيڪا نيڪ نيتي تي ٻڌل آهي پر نظرياتي طرح ڪچي آهي، سندس وات صحيح ڪانهي ۽ مڙئي رڪارڊ جي پورائي لاءِ هلائي پئي وڃي. چوٿين سياست آهي سنڌي عوام سميت هن ملڪ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پين مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن جي عوام جي ملڪ گير، انقلابي قومي عوامي جمهوري سياست، جنهن جا سياست ڌرهند اڄا هاڻ مس اسري نسري رهيا آهن ۽ جنهن جا عالمي انقلابي نظريي، تجربي ۽ صورتحال جي روشنيءَ ۾ سنڌ، توڙي ٻئي سڄي ملڪ جي عوام جي بنيادي ۽ دائمي گڏيل مفادن، مقصدن ۽ پهچ جي ڀرپور ۽ اونهي ڄاڻ ۽ سمجهه تي، همت، ڏاهپ ۽ سورهيائي ۽ اڳواٽ رٿابنديءَ واري جدوجهد تي ٻڌل آهي.

سمورا نيڪ نيت ۽ ترقي پسند ماڻهو ان ڳالهه تي متفق آهن ته طبقاتي، قومي ۽ سامراجي ڦرلٽ ۽ ظلم جو جيڪو رجعت پرست ۽ عوام دشمن نظام پاڪستان تي مڙهيل آهي تنهن کي ڊاهي، ان جي جاءِ تي سمورن قومن جي عوام جي ۽ خاص ڪري مظلوم قومن جي عوام جي قومي مرضيءَ تي ٻڌل سياسي ۽ معاشي نظام قائم ڪرڻ هن ملڪ جي عوام جي اهم ترين ضرورت آهي.

رقيب ماڻهن وانگر، رقيب سياسي ڌريون به، سدائين هڪٻئي سان ڪنهن نه ڪنهن ويڙهه ۾ رڌل هونديون آهن. جڏهن هو ڪنهن ٻي ويڙهه ۾، رڌل نه به هونديون آهن، تڏهن به هڪٻئي خلاف پروپئگنڊا جي جنگ ۾، هر وقت رڌل رهنديون آهن. سنڌي عوام جي بنيادي خامين منجهان هڪڙي مکيه خامي اها آهي، جو اسان جي پروپئگنڊا مشنري، صفا ڪمزور بلڪ

چٽ آهي. اسان وٽ، نه رڳو پروپئگنڊا جا گهربل وسيلا موجود ناهن، پر اسان پروپئگنڊا جي اهميت کي پورو سمجهيو ئي ناهي، تنهنڪري ان جي باري ۾ نه ڪو باقاعدي غور و فڪر يا منصوبه بندي ڪئي وئي آهي ۽ نه وري ان لاءِ ڪي مناسب قوتون ۽ وسيلا هٿ ڪري، ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اسان جي اها ڪمزوري، ڪنهن حد تائين اسان جي عوام کي پنهنجي قومي طبقاتي ۽ ثقافتي ورثي جي حصي طور ملي آهي. جڏهن ته پين ڪن قومن ۽ پين طبقن جهڙوڪ وڏيرن ۽ سرمائيدارن وٽ خوشامد ۽ ڳلا خوري يعني ڪوڙي تعريف ۽ ڪوڙي ڳلا هڪ قدرتي ڳالهه، هڪ ضروري انساني ڳڻ، تهذيب ۽ شرافت جو هڪ لازمي جزو، هڪ اعليٰ فن ۽ ڪن ڏنڏن وارن ماڻهن جهڙوڪ درٻارين ۽ درٻاري شاعرن وغيره لاءِ، هڪ شريف ۽ معزز پيشو ليکيو ويندو آهي.

تڏهن اسان جي عوام وٽ اهي ڳالهيون، انتهائي ڪريل ۽ گنديون ۽ مڙسن جي شان جي برخلاف ليکيون وينديون آهن، ان ڪري اسان جا عوام پروپئگنڊا جنگ ۾ حصو وٺڻ هڪ غليظ ۽ ڪريل ڪم سمجهي، ان ڏانهن لوڙو به نٿا هڻن. نتيجو اهو نڪتو آهي ته، عوام جا دشمن، جن سان ڪيترا قاتل پروپئگنڊا جا ماهر، سنڌي ۽ اردو باز وڏيرا، چوڌري، خان ۽ سردار يا انهن جا تيرهن تالا شاگرد آهن، سي اسان جي عوام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي انهن هٿيارن کان بيهٿيار ڏسي، ڪين انهيءَ لڙائيءَ جي ميدان ۾، دسيو مٽيءَ ۾ گڏيو، ڏوڙ ڪريو سنڌ ڳاڻي تي چڙهيو ويٺا آهن هو سڄي عمر، پوري ملڪ جي عوام سان غداريون ۽ ان جي انقلابي ۽ قومي تحريڪن جو قتلام ڪرڻ کان پوءِ به، پنهنجي زندگيءَ جو، هر پل عوام خلاف سنگين ۽ ڪڏهن به معاف نه ڪرڻ جهڙا ڏوهه ڪندي به، عوام جي چيلهه ۾، پروپئگنڊا جا نوڙ وجهيو، سنڌن مٿن تي الزامن جا ڪارا رکايو، ڪين ۽ سنڌن هڏڏوکي ڪارڪنن ۽ رهنمائن کي ملڪ جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، ڳلي ڳلي ۽ گهر گهر ۾، دليل ۽ خوار ڪندا وتن ۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي عوام ۽ انقلاب واسطي، پنهنجي ننڊ ۽ چين قرباني، پنهنجا گهر گهاٽ ۽ پنهنجا گذر چڏي، پنهنجيون جانيون ۽ زندگيون اڌيءَ تي رکي، سسئيءَ وانگر جبل جهاڳيندا ۽ مرن هٿان پنهنجو ماس ڪارائيندا وتن، سي انقلاب دشمني ۽ غداريءَ جي الزامن جا جواب ڏيندي ڏيندي، پورا نه ٿا پون. جڏهن ته چنيسر، ڄام ننڍو، قاضي قاضن، مير علي مراد، حق پرست، مظلوم ۽ فريادي ٽيو، اکين منجهان ڏوهه ڏيندڙ ڪاوڙ جا ٽانڊا وسايو، دودن، دريا خان ۽ مخدوم بلاولن ۽ هوشوئن ۽ هيموئن کي ڳچيءَ مان جهليو، ڪانئن وطن فروشين ۽ غدارين جي الزامن جا جواب پيا گهرن! جڏهن ته نادرشاهه، احمد شاهه ابدالي ۽ مدد خان مظلوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قوم جي ماڻهن تي ڦرلٽ ۽ ڌاڙي جا الزام هنيو، متن اکين ڏٺا شاهد ٿيو بيٺا آهن. جن تہ عزت، مارئين کي، ظلم ۽ زوريءَ جي مقدمن ۾ ڦاسائي پيلہ ڪرائين!

گذريل ڪجهہ سالن کان سنڌي عوام هڪ دفعو وري سنڌ جي سياست تان نقلي قوم پرستن جي ۽ ملڪگير انقلابي سياست تان نقلي ترقي پسندن جي هڪ هٿي نوڙڻ جي جدوجهد شروع ڪئي آهي ۽ ان ميدان ۾ پنهنجا پير ڄمائڻ شروع ڪيا اٿن. پنهي قسم جي عوام دشمن سمجهيو ٿي تہ سنڌي ماڻهو گهر جا گدو، وساهہ وسوڙيل ۽ پرمتڙيا آهن. نڪي اسان جي وچايل ڪوڙڪين مان آزاد ٿيندا نہ ڪي پنهنجي سنڌ واري پوئنگي مان ٻاهر نڪري ڪو ملڪي سياست جي اگهڻ ۾ پير رکندا. تن جو سنڌي عوام کي سنڌ اندر توڙي سڄي ملڪ جي انقلابي سياست جي ميدان ۾ هيئن پاڻ سان روبرو مقابلو ڪندي ڏٺو آهي سي ڏڪار، حسد، بغض ۽ خوف وچان ڇتا ٿي پيا آهن.

پر بجاءِ ان جي هو عوام کي گاريون ڏين ۽ چون تہ فلاڻا ڀڙوا ڪي ڀڙوا، هنن اسان جو گهر مسيت ڪري ڇڏيو آهي؛ هو پنهنجو سور پيء، عوام جي ڪمزور رڳ تي ڏنب ڏيڻ لڳا آهن. هو اسان جي ويساهہ وسوڙيل ۽ پرمتڙين ماڻهن کي ڀولهيو وڃيو هٿ ڪن ۽ اکين ۾ پاڻي آڻيو ڪين چون تہ ادا ڇا ۾ هجي تہ ٻہ اسان توهان کي پنهنجو انقلابي ساٿي

سمجهون ٿا. اوهان جي تباهي اسان کان ڏٺي نه ٿي ٿئي! پوءِ انهن جي حيران ٿي پڇا ڪرڻ تي ڪير وڏي دردناڪ انداز سان ٻڌائن ٿا ته ”اوهان جي ٻارڙي پنهنجي گهر سنڌ کي ڇڏي وڃي اوجهڙ ۾ پيئي آهي. پوءِ يان ڪير به ڪونهي جو ڪٽي پنهنجي قوم ۾ انقلاب لاءِ ڪهڻ ڪي پاڻيءَ جو ڍڪ به پياري. دشمن کي خبر آهي ته گهر اسان جي ڪمزور کان ڪمزور نس آهي. ان تي همٿ رکبو ته اسين پاڻي کان ٻاهر نڪري ويندا سين. اهو اسان جي غيرت جو معاملو بڻجيو پوي ۾ ڪوڙي غيرت جي اندر ۾ اسان پنهنجي قوم ي عادت پٽاندر پنهنجي سچي غيرت جو هوش وڃائي ازخود اٿين ڪنداسين جيئن دشمن اسان کان ڪرائڻ چاهن ٿا. سنڌي ماڻهن جي روايتي سوچ پنهنجي گهر کان هڪڙي رات به ٻاهر گذارڻ کي به بي غيرتي ڏهرائي ٿي. انهيءَ سوچ مطابق سنڌي مڙس کي سال جا ٣٦٥ ڏينهن پنهنجي پونگي ۾ رهڻ کپي. ”غيرت واري ماڻهوءَ“ کي پنهنجو تڏو ڇڏي ٻاهر نه نڪرڻ کپي! مڙس اهو آهي جيڪو پنهنجي زال ۽ گهوڙو ران سان ٻڌيو ويٺو هجي. مطلب ته پيا ڏنڊا ڏاڙيون ڇڏيو پنهنجي چار جريب زمين سان سلهاڙيو پنهنجي جوءِ ۽ چٽن ڍورن جو چوڪيدار ٿيو سڄي عمر گهر جي ڪنڊ ۾ ويٺو هجي. اها سوچ هڪ اهڙي سنڌ دشمن، انقلاب دشمن ۽ عوام دشمن سوچ آهي جيڪا سنڌي ماڻهن کي هزارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالن تائين غلام رکڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ حد تائين ذميوار آهي. اها ئي غلام بنائيندڙ، رجعت پرست ۽ گهر جي گُٺلو، ڀاڙي سوچ هن نئين دؤر ۾ دشمن طرفان بدليل روپ ۾ ڦهلائي پيئي وڃي ۽ اسان جي عوام ۽ قوم خلاف استعمال ڪئي پيئي وڃي. ائين چيو پيو وڃي ته "ڀائي پنهنجو ئي ٿڌو سنڌ ڇڏي ٻاهر ڇالاءِ رلڻ وڃو." هندستان جي ماڻهن جي غلاميءَ جو مکيه ڪارڻ اهو هو ته برهمڻ ڪين چيو هو ته "سمنڊ تي سفر ڪرڻ پاپ آهي!" ان ڪري هو سامونڊي قوت بنجي نه سگهيا ۽ پاڻ کان برتر بري طاقت جي پيٽ ۾ پنهنجي ڪمزورين جي تلافي ڪرڻ لاءِ زبردست بحري طاقت بنجي دشمن سان مقابلو ڪري نه سگهيا. اسان سنڌين لاءِ به دشمن جو حڪم آهي ته پنهنجا مسئلا ڀونگي اندر ويٺا حل ڪريو، يعني پنهنجي دشمن خلاف طاقت ۽ قوت وڌائڻ جا جيڪي توهان جا وسيلا سنڌ کان ٻاهر آهن انهن مان فائدو حاصل نه ڪريو، گهر ويٺا رکو پنهنجي دشمن جا ڌڪ سهو، توهان جا دشمن توهان جي ٻاهرين دشمن سان ملي، توهان خلاف ناپاڪ اتحاد ڪري، توهان تي جيڪي وار پيا ڪن، تن جو جواب فقط گهر اندران پيا ڏيو. وڏيرا پلي سڀئي پاڪستان جا پاڻ ۾ گڏ هجن پر توهان غريب ۽ مظلوم سنڌي گهر مان پير ٻاهر متان ڪڍو. سنڌ دشمن سڀ گڏ هجن، غدار پلي سڀ گڏ هجن، جنرل پلي سڀ گڏ هجن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عوام دشمن درٻاري ملان ٻليءَ سڀ گڏ هجن. اهي ٻل
سڀ سڄي ملڪ ۾ سير ڪن. هڪڙي ڏينهن آزاد ڪشمير
ٻئي ڏينهن راولپنڊي ٽئين ڏينهن پشاور ۾ چوٿين ڏينهن
ڪوئيٽا ۾ ۽ پنجين ڏينهن حيدرآباد ۾ عوام خلاف
سازشون ڪندا، پنڊيون ٻاريندا وتن پر سنڌي ماڻهن
لاءِ پنهنجي گهر سنڌ مان پير ٻه ٻاهر ڪڍڻ حرام آهي.
دشمن جي فتويٰ مطابق سنڌي ماڻهن لاءِ جيڪي ويهه
هزار شيون حرام آهن انهن مان گهرن مان پير ٻاهر
ڪڍڻ سڀ کان وڌيڪ حرام آهي ڇو ته دشمن کي
ڊپ آهي ته ٻاهر نڪري متان هو ٻاڻ جهڙيي ماريل،
ستايل ماڻهن کي سمجهائي، شرمائي، ڪين دشمن جو
هٿيار ٿي اسان جي مخالفت ڪرڻ کان، ٻار نه آئي
وڃي! متان ڪنهن کي پنهنجو همدرد ۽ همخيال نه
بنائي وڃي! متان ڪنهن دشمن جي ڏر نه ڏسي وڃي
۽ ان تي ٻانڌو نه رکي سگهي. متان پنهنجي دشمن جي
ڪنهن پٽڻ ٽٽڻ کي ڏوڙي نه رکي. متان سندن سڄي
ملڪ جي هر صوبي ۽ هر قوم خلاف هلندڙ سنڌ دشمن،
عوام دشمن ۽ انقلاب دشمن ڌنڌي ۽ ڪاروبار ۾ ڪو
خلل نه وجهي. سندن آرام ۽ سک نه ڦٽائي وجهي.
سندن ڳالهه ۾ رنڊڪ ۽ سندن گهر ۾ گهوٽالو نه وجهي
ڇڏي. سندن دوستيءَ ۾ گهٽتائي سگهي، سندن دشمن نه
وڌائي وجهي ۽ انهن کي ٻاڻ سان ملائي ٻڌي ڪري
ڪاٿين زور نه ٿي وڃي! مطلب ته هڪ طرف عوام دشمنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي برتري ۽ بالادستي، سازش ۽ فتني ۽ سندن پاڻ ۾ عوام خلاف اتفاق، اتحاد قرلت ۽ ظلم ۽ ٻئي طرف عوام جي اڀوجهائي ۽ انڄاڻائي نفاق ۽ ڦوٽ، مظلومي ۽ محڪومي ۾ ڪو فرق نه وجهي ڇڏي! اهڙي ريت اها گهر جي ڳالهه سوچ پوئتي پيل سنڌي ماڻهوءَ کي به وٺي ٿي ۽ ساڳئي وقت وڏيرن ۽ نقلي ترقي پسندن کي به ڏاڍي وٽي ٿي ڇو ته اها ڪين ملڪي سياست تي پنهنجي هڪ هٽي قائم رکڻ جو مقصد پورو ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

سنڌي پوئتي پيل عوام جي گهر جي ڳالهه فطرت جون پاڙون تاريخي پاتال ۾ کتل آهن. ڪنهن به دور ۾ اسان سنڌي ماڻهن پنهنجي سنڌي گهر مان ٻاهر نڪري دنيا ۾ ڪنهن چڱي يا بري ڪم لاءِ پکڙيا ناهيون. ان جي ابتڙ ٻي دنيا جون ڪئين قومون سندن هاري ۽ قبائلي لشڪر وٺي الائي ڪيترن هزارن ڪوهن تان ڪهي اچي اسان تي ڪڙڪنديون رهيون آهن.

اسان ان قوم جي عوام منجهان آهيون جيڪا قوم گهر کان ٻاهر ليئو نه پائي سگهڻ ڪري سچي تاريخ ۾ بدنام آهي ۽ پنهنجي سموري تاريخي عمر ان قومي اوڳڻ جي سزا غلامي جي صورت ۾ ڀوڳيندي رهي آهي. البت اسان جي وطن جي هندو واپاريءَ سرمائيدارن زمانن کان وٺي صحيح معنيٰ ۾ دنيا جي پنجن کنڊن ۾ ٿهلجي پنهنجي قابليت ۽ زمانه شناسي جو سڪو ٻڌي ڄمايو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاوا سوماترا جي پيٽن ڪان وٺي اولهہ آفريڪا جي گني بساؤ جي پيٽن تائين ڌرتي جي ٻنهن ڏاڪڻي ڇيڙي ڏکڻ آفريڪا ڪان وٺي اتر ۾ انگلنڊ ۽ اولهہ ۾ آمريڪا تائين دنيا جي سمورن ڪنڊن ۾ سنڌي هندو واپاري سرمائيدار طبقي جا نمائندا ڦهليل آهن. سهڻي لطيف سچا ۾ سُر، سُر سري راڳ ۽ سُر سامونڊي انهن لنڪا ۽ جاوا پيٽيندڙ دلير واپارين کي خراج تحسين ڏيڻ لاءِ وقف ڪيا آهن جيڪي اتر جي اوت سان ا و دا هتا ۽ ڪارو ڪيڙي، ماڻڪن جا مٽ ڀري، واهوندن سان واپس ورندا هئا. اهي جن جون ناز پريون زالون پنهنجي جواني جا ڏينهڙا سندن انتظار ۾ پيون ڪاٽينديون هيون ۽ سندن واپس ورڻ تي مٺائن املهہ ماڻڪ گهور ينديون هيون. اڄڪلهہ سنڌي وڏيرو ته پنهنجا ٻار انگلنڊ، آمريڪا ۽ جرمني ۽ ويندي ماسڪو، آسٽريليا ۽ ڪئنادا ۾ پڙهائي ٿو ۽ هانگ ڪانگ، سنگاپور، ٽلي جا تفريحي دورا ڪري ٿو. سنڌ ۾ آباد اردو ڳالهائيندڙن جي هڪڙي چنگهہ پشاور ۾ آهي ته ٻي دهلي، دکن، لنڊن، آمريڪا يا جرمني ۾ آهي. خود هن ملڪ جي ٻين قومن جي هاري طبقي جتي پيٽ ۾ ٻہ اسان جو هاري طبقو ۽ اڻ مان نڪتل ننڍو وچولو طبقو چرڻ پرڻ جي معاملي ۾ چٽ آهي. پنجابي هاري ۽ سندن پٽ اسان کي جرمني، ناروي، اٽلي، آمريڪا، انگلنڊ، آفريڪا، آسٽريليا ۾ ڪافي تعداد ۾ ملندا. هو پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چالاڪي، جرئت ۽ ٻين ڪي ذوتيون هٿي جاءِ ڪري اڳڀري وڌڻ جي ڪري ايترو مشهور بلڪ بدنام آهن جو هنن جي ڪري لفظ "پاڪستاني" يورپ، آمريڪا، ڪئناڊا ۾ هڪ اهڙي بين الاقوامي گار بنجي پيئي آهي جيڪا پنجابين کان سواءِ ٻين سمورن پاڪستانين بلڪ سمورن ايشيائين لاءِ به استعمال ڪئي وڃي ٿي. هو جيئن ته پاڻ کي ٻاهر پاڪستاني سڏائين ٿا، تنهنڪري هنن جي استادين کي ڏسي اتي جا رجعت پرست نفرت ۽ ڌڪار وچان ڪين پاڪي سڏين ٿا.

پٺاڻ هاري محمود غزنوي ۽ محمد غوري کان وٺي احمد شاهه ابدالي ۽ مدد خان تائين حملو ڪندڙ لشڪرن جو سپاهي بنجي سڄي هندستان کي لتاڙيندو رهيو آهي. اڄ هو نه رڳو دره خيبر کان وٺي ڪيٽي بندر تائين قبضو ڄمائي ويٺو آهي. نه رڳو هندستان جي آخري حصي ۾ ديرو ڄمائي گهمندو نظر اچي ٿو پر دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ به وڏي دٻدٻي سان موجود نظر اچي ٿو. ٻي طرف بلوچ به بلوچستان کان ٻاهر نه رڳو پاڪستان جي ٻين صوبن ۾ پر ايراني نار جي اوڀر توڙي اولهه جي ملڪن توڙي مشرق وسطيٰ ۾ ڦهليل آهن ۽ بلوچ قبائلين جا قافلا سال جي ڏٺن سان هر سال سنڌ بلوچستان جي وچ گشت ڪندا رهن ٿا. پٺاڻ قبائلي هر سال جا ڪي مهينا پاڪستان ۾ ته ڪي افغانستان ۾ گذارين ٿا. اهڙيءَ ريت سال جو گهڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ سفر ۾ رهن ٿا. ان چرپر هڪ طرف عام سنڌين ۽ ٻئي طرف پاڪستان جي ٻين قومن جي عام ماڻهن جي لياقتن ۾ زمين آسمان جو فرق ڪري ڇڏيو آهي. ان ڳالهه دنيا جهان جي ماڻهن، ملڪن، فضائن، موسمن، ڏنڌن ڌاڙين، ريتن رسمن، ٻولين ۽ ثقافتن ڪي ڏسڻ وائسڻ وارن اردو ڳالهائيندڙن، بلوچن، پنجابين ۽ پٺاڻن کي اسان جي پنج جريب زمين سان سلهاڙيل، ۽ پنهنجي جوءِ ۽ ڍاندن جي جوڙي جي چوڪيداري ۾ عمريون ۽ نسل گاري ڇڏيندڙ عام سنڌي هاري ماڻهو تي اهڙي جذباتي، ذهني، فطري، روحاني ۽ عملي برتري ۽ بالادستي ڏيئي ڇڏي آهي. جنهن جو مقابلو اسان لاءِ موجوده حالتن ۾ ظاهري طرح بلڪل ناممڪن آهي. ان ڳالهه جو جيڪڏهن تاريخي سنجيدگي سان نوٽيس نه ورتو ويو ۽ ان جو پوري انقلابي وطن دوست ذميواري سان تدارڪ نه ڪيو ويو ته اسين ٻين قومن جي نه رڳو حاڪم طبقن جي پيٽ ۾ پاڻ جهڙن غريب ٻاڙن جي پيٽ ۾ به سدائين پست رهنداسين ۽ پنهنجي قومي حقن وڙن جبي چٿاپيٺي ۾ رڳو ڏريل واڻئي وانگر ڏاڍن جي ڪندا رهجي ويندا سين. ان مرض سان جان آجي ڪرڻ جو پهريون قدم اهو آهي ته اسان پنهنجي وطن جا گهٽگهرا سنڌي ماڻهو پختي ارادي سان نه صرف پاڪستان ۾ پر دنيا جي ٻين حصن ۾ ڦهلجي وڃون. ۽ ان لاءِ فضا ۽ حالتون سازگار ڪري سڄي قوم کي سڄي دنيا

۾ پکڙيل ۽ دنيا کان باخبر متحرڪ قوم بڻائڻ جي تاريخي جدوجهد شروع ڪريون. جيئن عرب ماڻهو پنهنجي ڪير پياڪ ٻارڙن کي ننڍي هوندي کان ٻهراڙي جي فصيح عربي سيکارڻ ۽ کين سخت جان، مضبوط ۽ جفاڪش بڻائڻ لاءِ ننڍي هوندي رڻ پٽ ۾ بدوئن وٽ موڪليندا هئا تيئن پنهنجي ماڻهن جي لياقت وڌائڻ لاءِ اسان کي به کپي ته پنهنجي ماڻهن کي ملڪ جي ٻين حصن اندر توڙي ٻاهر موڪليون جيئن هو چڱي طرح ٻيا علائقا ۽ ٻاهرين دنيا ڏسي مخالف توڙي دوست ۽ ٻين ماڻهن سان ملي جاچي، دوست دشمن جي پروڙ حاصل ڪري چالاڪ، مضبوط ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جيترا مڙهو ٿي اچن. ماڻهو ۾ صلاحيتون نت نئين آزمائشن ڏکن ۽ مقابلن مان لنگهڻ سان پيدا ٿين ٿيون. گهر جي ڪنڊ ۾ ويٺل مڙس به ماءُ جي ڪڇ ۾ لڪي ويٺل ٻار وانگي آهي. ان مان ڪوبه ٻوڏو ٻرڙو ڪونهي. منجهن نڪا ڪا لياقت پيدا ٿيندي، نڪو ڪابه مڙسائپ ڪم ٿي سگهندو. کين خبر ئي ڪانه هوندي ته دنيا جو چرخو ڪيئن پيو هلي. اسان جا جيڪي ڪارڪن سڄي ملڪ ۾ هلندا انهن جون لياقتون وڌنديون. انهن ۾ گهرائي ايندي، کين پهريون پيرو عملي طرح خبر پوندي ته سنڌ کان ٻاهر به ڪا دنيا ٿئي ٿي. ان ۾ به ڪا سياست ٿئي ٿي. سنڌ ذهن ۾ ٻين صوبن جي عوام ۽ عوام دشمن بابت ٻين کان ٻڌل ڳالهين تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڌل جيڪي مغروضا، وهم ۽ گمان آهن تن جي جاءِ
تي ڪن اکين ڏٺل ۽ پنهنجي ڪنن ٻڌل ڳالهيون
معلوم ٿينديون. اهڙيءَ ريت هو وهم ۽ گمان جي
دنيا مان نڪري ڄاڻ جي دنيا ۾ داخل ٿيندا. خود
پنهنجي باري ۾ ڪين نيون ڳالهيون معلوم ٿينديون.
ڪين پنهنجي لڪل نقصن ۽ لڪل خوبين جي خبر
پوندي. هو وڌيڪ وسيع نظر، بردبار، خوش اخلاق
۽ قابل ٿيندا. منجهن هڪڙي نئين قسم جي خوداعتمادي
ايندي. هن کي نه رڳو ذاتي طرح پاڻ تي وڌيڪ
ڀروسو ٿئي ٿو پر سندن پنهنجي سڄي طبقي ۽ انقلابي
عوام تي ان جي روشن انقلابي مستقبل تي ڀروسو ٿئي
ٿو. منجهن احساس پيدا ٿئي ٿو ته اسان اڪيلا نه
آهيون، اسان جا همخيال ماڻهو، مڃا ماڻهو، سڄي
پاڪستان کان سواءِ سڄي دنيا ۾ ڦهليل آهن. جڏهن
هو هرهنڌ ڏسن ٿا، سڀ ماڻهو ٻولي پنهنجي پنهنجي
ڳالهائن ٿا، کي پشتو ۽ بلوچي ته کي اردو يا پنجابي
پر غدار وڏيري، چوڌري ۽ سرمائيدار تي، ظالم ڪاموري،
رجعت پرست ملن ۽ ڦورو سامراج تي لعنت ملامت هو
ڪنهن جي هرهنڌ ۽ هر ٻوليءَ ۾ اها ساڳي آهي،
تڏهن هنن کي پنهنجي نظر ۾ وڌيڪ گهرو ختو يقين
ٿئي ٿو. هنن کي خاطري ٿئي ٿي ته اها ڳالهه جا
هنن سنڌ ۾ ڦهليل آهي سا ٻين سڀني ملڪن ۾ به
پڪ ڦهليل هوندي ۽ پڪ ڪامياب ٿيندي. هو جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفا اوپرن ماڻهن ۽ غير قوم جي ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ سکن ٿا تڏهن هو اڳي کان بهتر سياسي سپاهي ٿين ٿا. هو سکن ٿا ته اتحادن ۾ جدوجهد کيئن هلائجي ۽ اتحادن ۾ جيڪي پيچيدگيون آهن انهن کي منهن کيئن ڏجي. اڳتي کيئن وڌجي، پوئتي کيئن هٽجي، بدمعاشن کي منهن کيئن ڏجي، مس پس، فتني ۽ سازش کي کيئن ناڪام بنائجي، پنهنجا دشمن کيئن گهٽائجن ۽ دوست يا همدرد کيئن پيدا ڪجن، پنهنجي دشمن جو ڏڪ کيئن گسائجي ۽ پنهنجي موقف کي کيئن اهڙي نموني پيش ڪجي جو پيا ماڻهو ان تي اعتبار ڪن. سنڌ دشمن جيئن ته سنڌي عوام کي هر طرح گمراهه ۽ توائي ڪرڻ گهرن ٿا تنهنڪري هنن جي پاليسي آهي ته عوام جي چڱائي کي برائي، انهن جي فائدي کي نقصان، انهن جي جس ملڻ جهڙي ڪم کي به ملامت جوڳو ڪم ثابت ڪري ڏيکارجي. اسان جي ڪاميابين کي ناڪاميون ڪري پيش ڪجي ۽ جن ڳالهين تي اسان کي خوش ٿيڻ کپي تن تي اسان کي ماتم ڪرائجي. سندن مرضي آهي ته جي اسين ناڪام ٿيون ته به مياري هجون ۽ جي ڪامياب ٿيون ته به ڏوهي ليکجون.

گهر جي ڪنڊ پڙدي سموري ملڪ سموري دنيا ۾ سنڌي عوام جي فائدي جي سياست ڪرڻ سنڌي عوام جي هر گهگهري فرد جو قومي، عوامي ۽ انقلابي فرض آهي.

پڙهندڙ نسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڻو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيههہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
ڄڻ ڄڻ ڄاڙ وڏي ٿي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book